وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِی الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَی اللّٰهِ رِزۡقُهَا
وَیَعۡلَمُ مُسۡتَقَرَّهَا وَمُسۡتَوۡدَعَهَا ؕ کُلٌّ فِیۡ
کِتٰبٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۶﴾

(٦) ۽ زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ ساهدار ڪونهي جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله تي نہ هجي ۽ هو نہ ڄاڻندو هجي تہ سندس رهڻ جي جاءِ ڪٿي آهي، جنهن کي آخر سندس وجود سونپيو ويندو (يعني ڪٿي مرندو وغيره) اهو سڀ ڪجهہ ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي. (يعني الله تعاليٰ کي چڱيءَ طرح معلوم آهي.)

وَهُوَ الَّذِیۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ فِیۡ سِتَّةِ
اَیَّامٍ وَّکَانَ عَرۡشُهٗ عَلَی الۡمَآءِ لِیَبۡلُوَکُمۡ
اَیُّکُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنۡ قُلۡتَ اِنَّکُمۡ
مَّبۡعُوۡثُوۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِ الۡمَوۡتِ لَیَقُوۡلَنَّ الَّذِیۡنَ
کَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۷﴾

(٧) ۽ اهوئي آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ايامن ۾ پيدا ڪيو ۽ سندس (حڪومت جي) تخت جي فرمانروائي پاڻيءَ تي هئي ۽ هن لاءِ پيدا ڪيائين تہ توهان انسانن کي آزمائي ۽ هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي پوي تہ ڪير عمل ۾ بهتر آهي. ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي چئين تہ توهان کي مرڻ بعد اٿاريو ويندو تہ پوءِ جيڪي ماڻهو منڪر آهن سي ضرور چوندا تہ هي تہ (ڪوڙيون) جادوءَ جهڙيون ڳالهيون آهن.

وَلَئِنۡ اَخَّرۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ اِلٰۤی اُمَّةٍ
مَّعۡدُوۡدَةٍ لَّیَقُوۡلُنَّ مَا یَحۡبِسُهٗ ؕ اَلَا یَوۡمَ
یَاۡتِیۡهِمۡ لَیۡسَ مَصۡرُوۡفًا عَنۡهُمۡ وَحَاقَ بِهِمۡ
مَّا کَانُوۡا بِهٖ یَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۸﴾

(٨) ۽ جيڪڏهن اسان هنن تان هڪ مقرر وقت تائين عذاب کي ٽاري رکون تہ هو ضرور چوندا تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي جا ان عذاب کي روڪي رهي آهي. سو ٻڌي ڇڏيو تہ جنهن ڏينهن مٿن عذاب ايندو تنهن ڏينهن پوءِ ڪنهن جي بہ ٽارڻ سان ٽري ڪونہ سگهندو ۽ جنهن ڳالهہ تي اهي مسخريون ڪري رهيا آهن سان ضرور مٿن اچي ڪڙڪندي.

## رڪوع 2

**جيڪي رڳو دنيا چاهي ٿي تنهن کي سندس ڪوشش آهر دنيا ڏني وڃي ٿي، پر آخرت جي نعمتن کان محروم رهندو.**

وَلَئِنۡ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً ثُمَّ
نَزَعۡنٰهَا مِنۡهُ ۚ اِنَّهٗ لَیَـُٔوۡسٌ کَفُوۡرٌ ﴿۹﴾

(٩) ۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پاڻ وٽان رحمت جو مزو چکايون ٿا (يعني ڪا نعمت بخشيون ٿا) ۽ وري اها هٽائي ڇڏيون ٿا تہ هو هڪدم مايوس ۽ ناشڪر ٿو وڃي ٿو.

وَلَئِنۡ اَذَقۡنٰهُ نَعۡمَآءَ بَعۡدَ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُ
لَیَقُوۡلَنَّ ذَهَبَ السَّیِّاٰتُ عَنِّیۡ ؕ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ
فَخُوۡرٌ ﴿۱۰﴾

(١٠) ۽ جيڪڏهن ڪيس ڏک پهچي ٿو ۽ ان بعد ڪيس راحت جو مزو ٿا چکايون تہ پوءِ (هڪدم غافل ٿو وڃي ٿو ۽) چوي ٿو تہ هاڻي خرابيون مون کان ٽري ويون (هاڻي ڪهڙو غم آهي) حقيقت هيءَ آهي تہ انسان (ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي) خوشيءَ ۾ ڦرجي وڃي ٿو ۽ ٻٽاڪون هڻڻ لڳي ٿو.

اِلَّا الَّذِیۡنَ صَبَرُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِکَ
لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ کَبِیۡرٌ ﴿۱۱﴾

(١١) پر جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا تن جو اهو حال ناهي، انهن لاءِ بخشش آهي ۽ تمام وڏو اجر بہ آهي.

فَلَعَلَّکَ تَارِکٌۢ بَعۡضَ مَا یُوۡحٰۤی اِلَیۡکَ وَ
ضَآئِقٌۢ بِهٖ صَدۡرُکَ اَنۡ یَّقُوۡلُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ

(١٢) پوءِ (اي پيغمبر!) تون هيئن ڪندين ڇا تہ جيڪو وحي تو ڏي موڪليو ويو آهي، تنهن مان ڪجهہ ڳالهيون ڇڏي ڏيندين ۽ ان سبب

عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ۭ اِنَّمَآ اَنْتَ
نَذِيْرٌ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ۝۱۲

پنهنجي دل کي ڏک پهچائيندين؟ هن ڪري جو اهي ماڻهو چون ٿا ته هن ماڻهوءَ (حضرت جن) تي ڪو خزانو (آسمان مان) ڇو نه ٿو لهي اچي يا هن سان گڏ هڪڙو فرشتو ڇو نه ٿو ڪڙو رهي. (نه، انهن ڳالهين جي ڪري توکي غمگين ٿيڻ نه گهرجي) تنهنجي پوزيشن (منصب) هن ڪانسواءِ ڪجھ به ناهي ته تون (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو آهين. (توتي اها ذميواري ڪانهي ته ماڻهو تنهنجيون ڳالهيون مڃين) ۽ هر شيءِ تي الله ئي نگهبان آهي.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ
مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ
دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝۱۳

(١٣) پوءِ اهي ماڻهو هيئن ٿا چون ڇا ته، هن ماڻهوءَ (يعني حضرت جن) قرآن پنهنجي دل مان ٺاهيو آهي. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته، جيڪڏهن توهان پنهنجي انهيءَ ڳالھ ۾ سچا آهيو ته اهڙيون ڏھ سورتون ٺاهي پيش ڪريو ۽ الله کان سواءِ جنهن کي به توهان پڪاري سگهو ٿا تنهن کي (ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ) پڪاري وٺو.

فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ
بِعِلْمِ اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ
مُّسْلِمُوْنَ ۝۱۴

(١٤) پوءِ جيڪڏهن (توهان جا ٺهرايل معبود) توهان جي پڪار جو جواب نه ڏين (۽ توهان اهڙيون سورتون نه ٺاهي سگهو) ته توهان سمجهي ڇڏيو ته قرآن الله ئي جي علم سان نازل ٿيو آهي. ۽ هيءَ ڳالھ به حق آهي ته هن کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي، هاڻي ٻڌايو ته، توهان اها ڳالھ قبول ڪيو ٿا ۽ الله جي فرمانبرداري ڪيو ٿا يا نه؟

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا
نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَهُمْ فِيْهَا لَا
يُبْخَسُوْنَ ۝۱۵

(١٥) جيڪو (فقط) دنيا جي زندگي ۽ ان جي زينت چاهي ٿو تنهن لاءِ (اسان جو قانون هي آهي ته) سندس ڪوشش ۽ عمل جا نتيجا هتي (هن دنيا ۾) پورا پورا ڏئي ڇڏيون ٿا ۽ هن لاءِ هن دنيا ۾ ڪجھ به گهٽتائي ڪانه ٿي ڪئي وڃي.

اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا
النَّارُ ڮ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ مَّا
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝۱۶

(١٦) پر (ياد رکو ته) هي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت (جي زندگيءَ) ۾ (دوزخ جي) باھ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه هوندو. (ڇو ته هو حقيقتن کان منڪر ٿي گناھ جا ڪم به ڪندا هئا). جيڪي به هنن دنيا ۾ ٺاهيو سو سڀ ضايع ٿو ويندو ۽ جيڪي عمل هو ڪندا رهيا آهن سي نابود ٿي ويندا.

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ وَيَتْلُوْهُ
شَاهِدٌ مِّنْهُ وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى
اِمَامًا وَّرَحْمَةً ۭ اُولٰۗىِٕكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۭ وَمَنْ
يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ
فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۤ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ

(١٧) وري ڏسو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي پروردگار جي طرف کان هڪڙو روشن دليل رکندڙ هجي (يعني وجدان ۽ عقل جو فيصلو) ۽ ان سان گڏ هڪڙو شاهد به هن جي طرف کان اچي ويو هجي (يعني الله جو وحي) ۽ ان کان اڳي حضرت موسيٰ جو ڪتاب جو رهنمائي ڪندڙ ۽ سراسر رحمت هو سو به اچي چڪو هجي (۽ تصديق ڪندڙ هجي ته پوءِ به اهڙا ماڻهو انڪار ڪري ٿا سگهن ڇا؟ نه) هي ماڻهو مٿس ايمان آڻين ٿا ۽

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۷﴾

(ملڪ جي مختلف) ٽولين مان جيڪي بہ ان جا منڪر ٿيا تن بابت يقين رکو تہ انهن لاءِ (دوزخ جي) باھ ئي (ٺڪاڻو) آهي، جنهن جي ڪين واعدو ڪيو ويو آهي. پوءِ (اي پيغمبر!) تون ان باري ۾ ڪنهن بہ طرح جو شڪ نہ آڻ. (يعني قرآن جي دعوت جي ڪاميابي بابت ڪنهن بہ طرح جو شڪ نہ ڪجانءِ) اهو تنهنجي پروردگار جي طرف کان حق ئي حق آهي، پر (افسوس! هيئن ٿو ٿئي جو) اڪثر ماڻهو (سچائيءَ تي) ايمان نٿا آڻين.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَيَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو ڪوڙ ڳالهائي خدا تي بهتان لڳائي، جيڪي ائين ڪري رهيا آهن، سي پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ ان وقت شاهد شاهدي ڏيندا تہ هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي پروردگار تي ڪوڙ هنيو هو. سو ٻڌي ڇڏيو تہ انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي.

الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) جيڪي الله جي راه کان سندس بندن کي روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ ان ۾ ور وڪڙ ۽ ڏنگائي پيدا ڪن ۽ جي آخرت جا بہ منڪر آهن.

اُولٰٓئِكَ لَمْ يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ؕ مَا كَانُوْا يَسْتَطِيْعُوْنَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) اهي ماڻهو نڪي زمين ۾ (الله کي) عاجز ڪرڻ وارا آهن (يعني الله جي ڪمن کي روڪي ڪين سگهندا) نڪي الله کان سواءِ انهن جو ڪوئي ڪارساز آهي. انهن کي ٻيڻو عذاب ٿيندو. (ڇو تہ سندن سرڪشي ۽ ضديت اهڙي تہ هئي جو) نڪي حق جي ڳالھ ٻڌي سگهندا هئا، نڪي (حقيقت جي روشني) ڏسي سگهندا هئا.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۱﴾

(٢١) اهي ماڻهو آهن جن پنهنجون جانيون تباھ ڪيون ۽ (زندگيءَ ۾) جيڪي جيڪي (حق جي خلاف) ڪوڙ ٺاهيائون سي سڀ (آخرت ۾) ڪانئن گم ٿي ويا.

لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) هن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اهي ماڻهو آخرت ۾ سڀني کان زياده تباه حال ٿيندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۳﴾

(٢٣) پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ پنهنجي پروردگار جي طرف قرار ورتو سي بهشتي آهن ۽ بهشت (جي نعمتن) ۾ هميشہ رهڻ وارا آهن.

مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) انهن ٻن ٽولين جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪڙا انڌا ۽ ٻوڙا ۽ ٻيا ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ، پوءِ ٻڌايو تہ ڇا ٻئي ٽوليون برابر ٿي سگهن ٿيون؟ ڇا توهان غور ۽ فڪر بہ نٿا ڪريو؟ (افسوس!)

## رڪوع 3

### حضرت نوح جا هدايت واسطي پنهنجي قوم کي جتن ۽ قوم جي بيزاري

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ ۡ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ هي حقيقت آهي تہ اسان نوح کي سندس قوم ڏي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو تہ (اي منهنجي قوم!) مان توهان کي (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) کليو ڪلايو خبردار ڪرڻ وارو آهيان.

اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٦﴾

(٢٦) الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ ڪريو. مان ڊڄان ٿو تہ متان اوهان تي عذاب جو دردناڪ ڏينهن نہ اچي وڃي.

فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ ۚ وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍۢ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) تنهن تي قوم جي انهن سردان جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي، چيو تہ اسان تو ۾ هن کان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ٿا ڏسون تہ تون بہ اسان وانگر هڪڙو انسان آهين ۽ جيڪي ماڻهو تنهنجي پٺيان لڳا آهن، تن ۾ بہ انهن ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نٿو ڏسجي جي حقير ذليل آهن. (يعني جيڪي مسڪين توتي ايمان آڻي رهيا آهن سي اهي آهن جن کي اسان ذڪاريندا رهيا آهيون، ڪين نفرت سان ڏسندا رهيا آهيون) ۽ اهي ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي پٺيان لڳي پيا آهن. اسان تہ اوهان ماڻهن ۾ پاڻ کان ڪابہ بهتري ۽ برتري ڪانہ ٿا ڏسون. (يعني اوهان اسان کا ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ افضل ڪونہ ٿا ڏسجو) بلڪ اسان تہ سمجهون ٿا تہ توهان ڪوڙا آهيو.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّىْ وَاٰتٰىنِىْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ۭ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) (حضرت) نوح چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! اوهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي بہ غور ڪيو آهي تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي طرفان هڪ روشن دليل تي آهيان ۽ هن پاڻ وٽان هڪ رحمت بہ مونکي بخشي هجي (يعني حق جي راه ڏيکاري هجي) پر اها رحمت اوهان کي ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ (مان جيڪي ڪري رهيو آهيان تنهن کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهان) ڇا اسان توهان کي زور سان راهہ ڏيکاريون، اگرچہ توهان ان کان بيزار آهيو؟

وَيٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ۭ اِنْ اَجْرِىَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّىْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان جيڪي ڪجهہ ڪري رهيو آهيان تنهن جي عيوض ۾ توهان کان مال دولت ڪونہ ٿو گهران، منهنجي خدمت جي مزدوري فقط الله تي آهي ۽ (هيءَ ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏيو تہ) جن ماڻهن ايمان آندو آهي (سي اوهان جي نظر ۾ ڪيتروئي ذليل هجن پر) مان ائين ڪرڻ وارو ناهيان جو ڪين پاڻ وٽان تڙي ڪڍان، هنن کي بہ پنهنجي پروردگار سان (هڪ ڏينهن) ملڻو آهي (۽ اسان سيني جي عملن جو حساب وٺڻ وارو آهي.) پر (مان توهان کي کھڙيءَ طرح سمجهائي باز آڻيان) مان تہ ڏسان ٿو توهان اهڙا ماڻهو آهيو جو (حقيقت کان) جاهل آهيو.

| | |
|---|---|
| وَ يٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳۰﴾ | (۳۰) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! (مون کي ٻڌايو تہ) جيڪڏهن مان هنن ماڻهن کي پاڻ وٽان ڪيان (۽ الله جي طرفان مون کان پڇاڻو ٿئي جنهن الله وٽ عزت جو مدار آهي، ايمان ۽ عمل تي، نہ ڪي دولت ۽ دنيائي پوزيشن تي) تہ پوءِ الله جي مقابلي ۾ ڪير آهي جو منهنجي مدد ڪندو؟ (افسوس آهي اوهان تي) ڇا توهان غور نٿا ڪيو؟ |
| وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۚۖ اِنِّيْٓ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ | (۳۱) ۽ (ڏسو) مان توهان کي ائين ڪونہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن، نڪي ائين ٿو چوان تہ مان غيب جون ڳالهيون ڄاڻان ٿو، نہ وري منهنجي هيءَ دعويٰ آهي تہ مان فرشتو آهيان. مان هيئن بہ ڪونہ ٿو چوان تہ جن ماڻهن کي توهان حقارت جي نظر سان ڏسو ٿا تن کي الله تعاليٰ ڪابہ ڀلائي نہ ڏيندو (جيئن اوهان جو اعتقاد آهي) الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو جيڪي انهن ماڻهن جي دلين ۾ آهي. جيڪڏهن مان (اوهان جي خواهش مطابق) ائين چوان (تہ جيئن ئي اهڙي ڳالهہ وات مان ڪيندس) تيئن ئي ظالمن منجهان ٿي پوندس. |
| قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۳۲﴾ | (۳۲) تنهن تي انهن ماڻهن چيو تہ اي نوح! تو اسان سان بحث ڪيا ۽ گهڻائي بحث ڪري چڪين (هاڻي انهن ڳالهين مان ورندو ڪجهہ بہ ڪين) جيڪڏهن تون سچو آهين تہ جنهن ڳالهہ جو تو واعدو ڏنو آهي (يعني چيو آهي تہ اوهان تي عذاب ايندو ۽ برباد ٿي ويندؤ) اها آڻي ڏيکار. |
| قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۳۳﴾ | (۳۳) نوح چيو تہ جيڪڏهن الله کي منظور هوندو تہ بيشڪ هو اوهان تي اها ڳالهہ آڻي ڪيندو ۽ اوهان کي اها طاقت نہ ٿيندي جو (ڪيس ان ڳالهہ کان) عاجز ڪري ڇڏيو (يعني ڪيس روڪي سگهو). |
| وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ؕ هُوَ رَبُّكُمْ ۫ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۳۴﴾ ؕ | (۳٤) ۽ جيڪڏهن الله جي مشيت (ارادو ۽ خواهش) اها آهي تہ اوهان کي تباهہ ڪري تہ پوءِ مان توهان کي ڪيتري بہ نصيحت ڪرڻ گهران تہ بہ منهنجي نصيحت ڪجهہ بہ فائدو نہ ڪندي، اهوئي اوهان جو پروردگار آهي ۽ ان ڏانهن ئي اوهان کي موٽڻو آهي. |
| اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَيَّ اِجْرَامِيْ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿۳۵﴾ ع | (۳۵) (الله جو حڪم ٿيو تہ اي نوح!) هي ماڻهو هيئن ٿا چون ڇا تہ هن ماڻهو (يعني نوح) پنهنجي دل مان هيءَ ڳالهہ (يعني هدايت ۽ وحي جي ڳالهہ) گهڙي ناهي ٻڌائي آهي؟ تون چئي ڏي تہ جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ مون گهڙي ناهي ٻڌائي آهي تہ منهنجو ڏوهہ مون تي آهي ۽ توهان جيڪي گناهہ ڪيو ٿا (تن جو بدلو توهان کي ملندو) مان انهن لاءِ ذميوار ڪونہ آهيان. |

## رکوع 4

**حضرت نوح جي قوم تي ٻوڏ، سندس پٽ لاءِ سفارش. پر الله تعاليٰ کيس فرمايو تہ، هو تنهنجو ناهي ڇو تہ هو بدعمل آهي.**

وَ اُوۡحِیَ اِلٰی نُوۡحٍ اَنَّهٗ لَنۡ یُّؤۡمِنَ مِنۡ قَوۡمِكَ اِلَّا مَنۡ قَدۡ اٰمَنَ فَلَا تَبۡتَئِسۡ بِمَا كَانُوۡا یَفۡعَلُوۡنَ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ حضرت نوح کي وحي ڪيو ويو تہ تنهنجي قوم مان جن ماڻهن ايمان آندو آهي تن کان سواءِ هاڻي ٻيو ڪو بہ ايمان نہ آڻيندو، پوءِ جيڪي اهي (ڪافر) ڪري رهيا آهن، تنهن تي (اجايو) ڏک ۽ غم نہ ڪر.

وَ اصۡنَعِ الۡفُلۡكَ بِاَعۡیُنِنَا وَ وَحۡیِنَا وَ لَا تُخَاطِبۡنِیۡ فِی الَّذِیۡنَ ظَلَمُوۡا ۚ اِنَّهُمۡ مُّغۡرَقُوۡنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ (حضرت نوح کي خدا فرمايو تہ) اسان جي نظرداريءَ هيٺ ۽ اسان جي حڪم مطابق هڪڙي ٻيڙي ٺاهڻ شرع ڪري ڏي، ۽ هنن ظالمن جي باري ۾ هاڻي اسان کي ڪجھ بہ عرض معروض نہ ڪر. يقيناً اهي ماڻهو غرق ٿيڻ وارا آهن.

وَ یَصۡنَعُ الۡفُلۡكَ ۟ وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَیۡهِ مَلَاٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ سَخِرُوۡا مِنۡهُ ؕ قَالَ اِنۡ تَسۡخَرُوۡا مِنَّا فَاِنَّا نَسۡخَرُ مِنۡكُمۡ كَمَا تَسۡخَرُوۡنَ ﴿۳۸﴾ؕ

(٣٨) تنهن تي حضرت نوح ٻيڙي ٺاهڻ لڳو ۽ جڏهن جڏهن سندس قوم جا (هنيلا) سردار وٽانئس لنگهندا هئا تڏهن (ڪيس ٻيڙي ٺاهڻ ۾ مشغول ڏسي) مسخريون ڪرڻ لڳندا هئا. حضرت نوح کين چوندو هو تہ توهان مون تي ٺوڪون ٺا ڪيو تہ (ڀلي ڪيو) اهڙيءَ ئي طرح اسان بہ (توهان جي بيوقوفين تي هڪڙي ڏينهن) کِلنداسين.

فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ مَنۡ یَّاۡتِیۡهِ عَذَابٌ یُّخۡزِیۡهِ وَ یَحِلُّ عَلَیۡهِ عَذَابٌ مُّقِیۡمٌ ﴿۳۹﴾

(٣٩) اهو وقت پري ناهي جڏهن اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اهو ڪير آهي جنهن تي اهڙو عذاب ايندو جو ڪيس خوار خراب ڪندو ۽ وري (آخرت ۾ بہ) دائمي عذاب مٿس نازل ٿيندو.

حَتّٰۤی اِذَا جَآءَ اَمۡرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوۡرُ ۙ قُلۡنَا احۡمِلۡ فِیۡهَا مِنۡ كُلٍّ زَوۡجَیۡنِ اثۡنَیۡنِ وَ اَهۡلَكَ اِلَّا مَنۡ سَبَقَ عَلَیۡهِ الۡقَوۡلُ وَ مَنۡ اٰمَنَ ؕ وَ مَاۤ اٰمَنَ مَعَهٗۤ اِلَّا قَلِیۡلٌ ﴿۴۰﴾

(٤٠) (هي سڀ ڪجھ يعني مسخري وغيره ٿيندي رهي) تان جو جڏهن وقت اچي ويو تہ ان جي (مقرر ڪيل) ڳالھ ظهور ۾ اچي ۽ (فطرت جو) تنور جوش ۾ آيو تڏهن اسان (حضرت نوح عليہ السلام کي) حڪم ڏنو تہ هر قسم (جي جانورن) جا ٻہ ٻہ جوڙا ٻيڙيءَ ۾ چاڙهہ ۽ پنهنجي اهل عيال کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هل، پر اهل عيال ۾ اهي ماڻهو داخل ناهن جن بابت اڳ ئي چيو ويو آهي (تہ غرق ٿيڻ وارا آهن) پڻ انهن ماڻهن کي بہ پاڻ سان کڻ جن ايمان آندو آهي ۽ نوح سان گڏ ايمان ڪونہ آندو هئائون، سواءِ ڪن ٿورن ماڻهن جي.

وَ قَالَ ارۡكَبُوۡا فِیۡهَا بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖىهَا وَ مُرۡسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّیۡ لَغَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۴۱﴾

(٤١) ۽ (حضرت نوح سنگتين کي) چيو تہ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. الله جي نالي سان ان ٻيڙيءَ کي هلڻو آهي ۽ الله ئي جي نالي سان ان کي بيهڻو آهي. بيشڪ منهنجو پروردگار بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهي.

وَ هِیَ تَجۡرِیۡ بِهِمۡ فِیۡ مَوۡجٍ كَالۡجِبَالِ ۟ وَ نَادٰی نُوۡحُ ابۡنَهٗ وَ كَانَ فِیۡ مَعۡزِلٍ یّٰبُنَیَّ

(٤٢) ۽ (ڏسو) اهڙين لهرن ۾ جي جبلن وانگر اٿن ٿيون ٻيڙي انهن (ماڻهن) کي ڪٽي وڃي رهي آهي ۽ حضرت نوح پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو جو

ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٤٢

ڪناري وٽ بيٺو هو ۽ چيائين ته اي منهنجا پٽ! اسان سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ۽ ڪافرن سان نه رهي پئو.

قَالَ سَاٰوِيْٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ۝٤٣

(٤٣) هن چيو ته مان ڪنهن جبل تي پناهه وٺندس، جو مون کي پاڻيءَ (۾ ٻڏڻ) کان بچائي وٺندو. حضرت نوح چيس ته (تون ڪهڙي خام خيال ۾ گرفتار ٿي ويو آهين) اڄ الله جي (ٺهرايل) ڳالهه کان بچائڻ وارو ڪوبه ڪونهي. سواءِ ان جي جنهن تي الله پاڻ رحم ڪري ۽ (ڏسو) ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي لهر اچي ويئي. پوءِ هو انهن مان ٿيو جيڪي ٻڏڻ وارا هئا.

وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝٤٤

(٤٤) ۽ (پوءِ الله جو) حڪم ٿيو ته اي زمين پنهنجو پاڻي پئي ڇڏ ۽ اي آسمان برسات کي بند ڪر، پوءِ پاڻي لهي ويو ۽ حادثي پڄاڻي ڪئي ۽ ٻيڙي جودي جبل تي بيهي رهي. ۽ (الله جو) فيصلو ٿيو ته نامرادي ۽ ناڪامي انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي ظالم آهن.

وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ۝٤٥

(٤٥) ۽ نوح پنهنجي پروردگار کان دعا گهري ۽ چيو ته اي منهنجا پروردگار! منهنجو پٽ ته منهنجي گهر جي ماڻهن مان آهي ۽ يقيناً تنهنجو واعدو سچو آهي. تو کان بهتر فيصلي ڪرڻ وارو ڪوبه ڪونهي.

قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا تَسْئَلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ۝٤٦

(٤٦) (خدا) فرمايو ته اي نوح هو تنهنجي گهرجي ماڻهن مان ناهي. هو ته سراسر بدعمل آهي. پوءِ جنهن حقيقت جو تو کي علم ناهي تنهن بابت سوال نه ڪر، مان تو کي نصيحت ٿو ڪيان ته جاهلن مان نه ٿيءُ.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْئَلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَتَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٤٧

(٤٧) (نوح) عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! مان هن ڳالهه کان تنهنجي پناهه ٿو گهران ته اهڙيءَ ڳالهه جو سوال ڪيان جنهن جي حقيقت جو علم مون کي ڪونهي، جيڪڏهن تون مون کي نه بخشين ۽ رحم نه ڪرين ته مان انهن ماڻهن منجهان ٿو پوندس جيڪي نقصان هيٺ آيا ۽ تباهه ٿي ويا.

قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اُمَمٍ مِّمَّنْ مَّعَكَ ؕ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٤٨

(٤٨) حڪم ٿيو ته اي نوح! هاڻي ٻيڙيءَ مان لهه. اسان جي طرفان تو تي سلامتي ۽ برڪتون هجن، پڻ انهن جماعتن تي جي توسان آهن ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جماعتون (پوءِ اچڻ واريون) آهن جن کي اسان (زندگيءَ جي فائدن سان) حصيدار ڪنداسين. پر پوءِ ڪين (بدعملن جي بدلي ۾) اسان جي طرف کان دردناڪ عذاب پهچندو.

تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَآ اِلَيْكَ ۚ مَا كُنْتَ تَعْلَمُهَآ اَنْتَ وَلَا قَوْمُكَ مِنْ قَبْلِ هٰذَا ۛؕ فَاصْبِرْ ۛؕ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٤٩

(٤٩) (اي پيغمبر!) اهي غيب جي خبرن مان آهن جي اسان وحي جي ذريعي تو کي ٻڌائي رهيا آهيون هن کان اڳي اهي ڳالهيون نڪي تون ڄاڻندو هئين نڪي تنهنجي قوم. پوءِ (تون به) صبر ڪر ۽ استقامت رک (۽ پنهنجي فرض ادائي ۾ ثابت قدم رهه ۽ منڪرن جي جهل ۽ شرارتن جي ڪري دلگير نه ٿيءُ) بيشڪ (ڪامياب) پڇاڙي انهن لاءِ آهي جيڪي متقي آهن.

## رکوع 5

### حضرت هود جو پنهنجي قوم کي نصيحت ڪرڻ ۽ سمجهائڻ

وَ إِلَىٰ عَادٍ أَخَاهُمْ هُودًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ إِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۖ إِنْ أَنْتُمْ إِلَّا مُفْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) ۽ اسان عاد (قوم) ڏي سندس برادريءَ مان حضرت هود کي پيغمبر ڪري موڪليو، حضرت هود ڪين چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪريو. ڪانئس سواءِ اوهان جو ڪو به معبود (يا حاڪم يا بادشاه) ڪونهي، يقين ڪريو ته توهان هن ڪان سواءِ ڪجهه به نه آهيو ته (حقيقت جي خلاف) ڪوڙا ناهه ناهيندڙ آهيو.

يٰقَوْمِ لَآ أَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا ۖ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَى الَّذِي فَطَرَنِي ۚ أَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٥١﴾

(٥١) اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مان هن ڳالهه جي لاءِ توهان کان ڪو عيوضو (يا انعام) ڪونه ٿو گهران. منهنجي بدلو يا اجر ته انهيءَ تي آهي جنهن مونکي پيدا ڪيو. پوءِ ڇا توهان _اهڙي صاف ڳالهه به) نٿا سمجهو.

وَ يٰقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا إِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا وَّ يَزِدْكُمْ قُوَّةً إِلَىٰ قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٥٢﴾

(٥٢) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! پنهنجي پروردگار کان (پنهنجي غلطين ۽ گناهن جي) مغفرت (يعني معافي) گهرو ۽ (آئنده جي لاءِ) سندس حضور ۾ توبه ڪيو. هو توهان جي لاءِ مينهن وسائيندڙ ڪڪر موڪلي ٿو (جن سان توهان جون پوکون ۽ باغ سرسبز ٿين ٿا) ۽ توهان جي قوتن ۾ نيون نيون قوتون وڌائي ٿو. (جنهن ڪري ترقيون ڪري رهيا آهيو) ۽ (ڏسو) ائين نه ٿئي جو گناهه ڪري (حق ۽ حقيقت کان) منهن موڙي ڇڏيو.

قَالُوْا يٰهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحْنُ بِتَارِكِيْٓ اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِكَ وَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٣﴾

(٥٣) (هنن ماڻهن) چيو ته، اي هود! تون اسان وٽ ڪو (مضبوط) دليل ته ڪونه ڪٿي آيو آهين ۽ اسان تنهنجي چوڻ تي پنهنجي معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڪونه ڏينداسين. اسان تو تي ايمان آڻڻ وارا هرگز نه آهيون.

إِنْ نَّقُوْلُ إِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْٓءٍ ۗ قَالَ إِنِّيْٓ أُشْهِدُ اللّٰهَ وَاشْهَدُوْٓا أَنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٥٤﴾

(٥٤) اسان جيڪي به چئي سگهون ٿا، سو هي آهي ته اسان جي معبودن مان ڪنهن معبود جي توتي مار پئي آهي يا پٽ لڳي آهي (تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين). (تنهن تي) هود چيو ته، مان الله کي شاهد ٿو ڪريان ۽ اوهان به شاهد رهو ته جن هستين کي توهان خدا سان شريڪ ٺهرايو آهي تن کان مان بيزار آهيان.

مِنْ دُوْنِهٖ فَكِيْدُوْنِيْ جَمِيْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٥٥﴾

(٥٥) توهان سڀ گڏجي منهنجي خلاف جيڪي به تدبيرون ڪري سگهو ٿا سي ضرور ڪيو ۽ مون کي (ڪجهه به) مهلت نه ڏيو (پوءِ ڏسو ته نتيجو ڇا ٿو نڪري).

إِنِّيْ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّيْ وَرَبِّكُمْ ۗ مَا مِنْ دَآبَّةٍ إِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ۗ إِنَّ رَبِّيْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٦﴾

(٥٦) منهنجي ڀروسو الله تي آهي جو منهنجو به پروردگار آهي ۽ اوهان جو به. ڪو به چرندڙ ساهه وارو ڪونهي جو سندس قبضي کان ٻاهر هجي. منهنجو پرورگار (حق ۽ عدل جي) سڌي واٽ تي آهي (يعني سندس راهه ظلم جي راهه ٿي نٿي سگهي).

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَ يَسْتَخْلِفُ رَبِّيْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۚ وَ لَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿۵۷﴾

(٥٧) پوءِ جيڪڏهن (تنهن هوندي به) توهان منهن موڙيو ته (ياد رکو ته) جنهن ڳالهه لاءِ مون کي پيغمبر ڪري موڪليو ويو آهي، سا ڳالهه مون پهچائي (ان ڪان وڌيڪ منهنجي اختيار ۾ ڪجهه به ناهي) ۽ (مون کي ته هيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته) منهنجو پروردگار (توهان کي برباد ڪري) ڪنهن ٻي قوم کي توهان جي جاءِ ڏيندو، ۽ توهان سندس ڪجهه به (ڪم) بگاڙي نه سگهندؤ. يقيناً منهنجو پروردگار هر شيء تي نگهبان آهي.

وَ لَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ نَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۸﴾

(٥٨) ۽ (ڏسو) جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهه جو وقت اچي ويو تڏهن اسان پنهنجي رحمت سان هود کي بچائي ورتو ۽ انهن ماڻهن کي به بچائي ورتو جن ساڻس گڏ (سچائي تي) ايمان آندو هو، ۽ اهڙي عذاب ڪان بچايو جو وڏو سخت عذاب هو.

وَ تِلْكَ عَادٌ ۟ۙ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَ عَصَوْا رُسُلَهٗ وَ اتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۵۹﴾

(٥٩) هي آهي بيان عاد قوم جو. هنن پنهنجي پروردگار جون نشانيون (تڪبر ۽ خود غرضيءَ ڪان) ڪوڙيون ٺهرايائون ۽ سندس رسولن جي نافرماني ڪئي ۽ هرهڪ تڪبر ڪندڙ سرڪش جي حڪم جي پيروي ڪئي.

وَ اُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿۶۰﴾ ع

(٦٠) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) دنيا ۾ هنن تي لعنت وسي (يعني الله جي رحمت جي برڪتن ڪان محروم رهيا.) ۽ قيامت جي ڏينهن به (مٿن لعنت پيئي) سو ٻڌي ڇڏيو ته عاد جي قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پڻ ٻڌي ڇڏيو ته عاد جي لاءِ محروميءَ جو اعلان ٿيو جا هود جي قوم هئي.

## رڪوع 6

**حضرت صالح جو پنهنجي قوم ثمود کي وعظ ڪرڻ. انڪار ۽ نافرماني سبب سندس تباه ٿيڻ. حضرت صالح ۽ مومنن جو بچڻ**

وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿۶۱﴾

(٦١) ۽ اسان ثمود قوم ڏانهن سندس برادريءَ مان حضرت صالح کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن ڪين چيو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪيو. ڪائنس سواءِ اوهان جو ڪوبه معبود ڪونهي. (جنهن جي ٻانهپ ڪجي) اهوئي آهي جنهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ وري ان ۾ ئي اوهان کي رهايو. (يعني زمين کي اوهان سان آبا ڪيو ۽ رونق ڏني) پوءِ اوهان کي گهرجي ته ڪائنس بخشش گهرو ۽ سندس طرف رجوع ٿي زندگي بسر ڪريو. يقين رکو ته منهنجي پروردگار (هرهڪ کي) ويجهڙو آهي ۽ (هرهڪ جي) دعائن جو جواب ڏيندڙ آهي.

قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰىنَآ اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَ اِنَّنَا

(٦٢) ماڻهن چيو ته، اي صالح! هن ڪان اڳي ته تون اهڙي (اعليٰ دل ۽ دماغ وارو) ماڻهو هئين و اسان سيني جون تو ۾ ڏاڍيون اميدون هيون، پوءِ ڇا تون اسان کي روڪين ٿو ته انهن معبودن (ديوتائن) جي پوڄا نه ڪريون

لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ۝٦٢

جن كي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن. (هيءَ ڪهڙي ڳالھ آهي؟) اسان کي بہ انهيءَ ڳالھ ۾ وڏو شڪ آهي، جنهن جي اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهين ۽ جنهن کي اسان جون دليون قبول ئي نٿيون ڪن.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ ۫ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ۝٦٣

(٦٣) صالح چيو تہ، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! اوهان ڪڏهن هن ڳالھ تي غور بہ ڪيو آهي تہ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار جي طرف کان (مليل) روشن دليل تي بہ هجان (يعني خدا مون کي صحيح عقل بہ ڏنو هجي) ۽ پوءِ بہ مان سندس حڪم جي انحرافي ڪريان ۽ نافرماني ڪريان تہ پوءِ ڪير آهي جو الله جي مقابلي ۾ منهنجي مدد ڪندو. (توهان جو مون کي چئو ٿا تہ ابن ڏاڏن جي رسمن خلاف خدا جو حڪم ڇڏي ڏيان، سو) توهان مون کي ڪو فائدو نہ ٿا پهچايو، پر اٽلندو نقصان ۽ تباهيءَ جي طرف وٺي وڃڻ ٿا چاهيو.

وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ۝٦٤

(٦٤) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ڏسو، هي الله جي ڏاچي (يعني سندس نالي تي ڇڏي ڏنل ڏاچي) توهان جي لاءِ هڪ (فيصلو ڪندڙ) نشاني آهي. پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو تہ الله جي زمين تي چرندي وتي. ان کي ڪنهن بہ قسم جو ايذاءُ نہ پهچائجو، نہ تہ هڪدم اوهان تي عذاب اچي ڪڙڪندو.

فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوْبٍ ۝٦٥

(٦٥) پر ماڻهن (زياده ضد ۾ اچي) ان کي ماري ڇڏيو. تڏهن حضرت صالح کين چيو تہ، (هاڻي توهان کي فقط) ٽي ڏينهن (جي مهلت آهي) پنهنجي گهرن ۾ کائي پي وٺو. (هيءَ (خدائي) واعدو آهي، هرگز ڪوڙو نہ ٿيندو.

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِىِٕذٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ۝٦٦

(٦٦) پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالھ جو وقت اچي ويو تڏهن اسان صالح کي ۽ انهن کي، جن ساڻس گڏ ايمان آندو هو، پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ ان ڏينهن جي خواري ۽ خرابيءَ کان ڇوٽڪارو ڏنو. (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پروردگار ئي آهي جو قوت وارو ۽ سڀني تي غالب آهي.

وَاَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ۝٦٧

(٦٧) ۽ جن ماڻهن ظلم ڪيو هو تن کي هڪ وڏي زور واري ڪڙڪي اچي پڪڙيو. جڏهن صبح ٿيو، تڏهن سڀ پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٿيا پيا هئا.

كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَا۟ كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ۝٦٨

(٦٨) (۽ هو اهڙو اوچتو مري ويا) گويا انهن گهرن ۾ ڪڏهن رهيائي ڪونہ هئا، سو ٻڌي ڇڏيو تہ ثمود قوم پنهنجي پروردگار جي ناشڪري ڪئي ۽ پڻ ٻڌي ڇڏيو تہ ثمود جي قوم (هر طرح جي نعمتن کان) محروم رهي.

## رڪوع 7

لوط جي قوم جي شهرن تي بدعملي جي ڪري پٿرن جو مينهن وسيو ۽ تباه ٿي ويا.

وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى

(٦٩) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان جا موڪليل (فرشتا) حضرت ابراهيم

| | |
|---|---|
| قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿٦٩﴾ | وٽ خوشخبري کڻي آيا. هنن چيو ته اوهان تي سلامتي هجي. ابراهيم چيو ته، توهان تي به سلامتي هجي. پوءِ حضرت ابراهيم هڪدم هڪڙو ڀڳل گابو کڻي آيو (۽ کائڻ لاءِ سندن اڳيان رکيائين جو کين رواجي مهمان سمجهيو هئائين.) |
| فَلَمَّا رَآ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَ اَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّاۤ اُرْسِلْنَاۤ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ﴿٧٠﴾ | (٧٠) پوءِ جڏهن ڏٺائين ته هنن جا هٿ طعام ڏي نٿا وڃن تڏهن هنن جي باري ۾ بدگمان ٿيو ۽ دل ۾ ڊنو (ته هيءَ الاجي ڪهڙي ڳالهه آهي.) (پر) هنن چئي ڏنو ته ڊڄ نه، اسان ته (الله جي طرف کان) لوط جي قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون. |
| وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَ ۙ وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿٧١﴾ | (٧١) ۽ سندس گهرواري (ساره) به (تنبوءَ ۾) بيٺي (ٻڌي رهي) هئي. هوءَ کلي ويٺي (ڇو ته پهريون انديشو لهي ويس ۽ خوش ٿي) پوءِ اسان کيس (پنهنجي فرشتن هٿان) اسحاق (جي پيدا ٿيڻ) جي خوشخبري ڏني ۽ هن ڳالهه جي ته اسحاق کان پوءِ يعقوب جو ظهور ٿيندو. |
| قَالَتْ يٰوَيْلَتٰۤى ءَاَلِدُ وَ اَنَا عَجُوْزٌ وَّ هٰذَا بَعْلِىْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ عَجِيْبٌ ﴿٧٢﴾ | (٧٢) هن چيو ته، افسوس مون تي! ڇا هيئن به ٿي ٿو سگهي ته مونکي اولاد ٿئي جڏهن ته مان گهڻي ٻڍڙي ٿي وئي آهيان ۽ هيءُ منهنجو مڙس (حضرت ابراهيم) به پوڙهو ٿي چڪو آهي. هيءَ ته وڏي عجب جي ڳالهه آهي. |
| قَالُوْۤا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَ بَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿٧٣﴾ | (٧٣) هنن چيو ته، ڇا تون الله جي ڪمن تي عجب ٿي ڪائين. اوهان تي الله جي رحمت ۽ برڪتون هجن اي (ابراهيم جي) گهر جا ماڻهو (سندس فضل ۽ ڪرم لاءِ هيءَ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي) بيشڪ اهوئي آهي جو سيني ڪامل صفتن سان موصوف آهي ۽ اهو ئي آهي جنهن جي لاءِ هر طرح جي بزرگي ۽ شان آهي. |
| فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِىْ قَوْمِ لُوْطٍ ﴿٧٤﴾ | (٧٤) پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم جي دل مان انديشو دور ٿي ويو ۽ کيس خوشخبري ملي تڏهن هو لوط جي قوم جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ڪرڻ لڳو. (يعني اسان جي فرشتن ڪان هر هر سوال پڇڻ لڳو ته ايندڙ بلا لوط جي قوم تان ٽري وڃي). |
| اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿٧٥﴾ | (٧٥) حقيقت اها آهي ته، حضرت ابراهيم وڏو بردبار، تمام نرم دل ۽ (هر حال ۾) الله جي طرف رجوع ٿي رهڻ وارو هو. |
| يٰۤاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۚ وَ اِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿٧٦﴾ | (٧٦) (اسان جي فرشتن کيس چيو ته) اي ابراهيم، هاڻي هن ڳالهه جو خيال ڇڏي ڏي. تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل) ڳالهه اچي وئي آهي ۽هنن ماڻهن تي عذاب اچي رهيو آهي. جو ڪنهن به طرح ٽرڻ وارو ناهي. |
| وَ لَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِیْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ | (٧٧) ۽ جڏهن اسان جا فرشتا حضرت لوط وٽ پهتا تڏهن هو سندن اچڻ |

بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا يَوْمٌ عَصِيْبٌ ﴿۷۷﴾

تي خوش ڪونہ ٿيو ۽ سندن موجودگيءَ ڪيس پريشان ڪري وڌو، هن چئي ڏنو تہ اڄوڪو ڏينهن وڏي مصيبت جو ڏينهن آهي.

وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ۭ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۭ قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَاۗءِ بَنَاتِيْ هُنَّ اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ۭ اَلَيْسَ مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ﴿۷۸﴾

(۷۸) ۽ سندس قوم جا ماڻهو (ڌارين جي اچڻ جي خبر ٻڌي) ڊوڙندا آيا. هو اڳ ئي بڇڙن (فاحش) ڪمن ڪرڻ جا عادي ٿي ويا هئا. حضرت لوط کين چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! هي (شهر ۾ رهندڙ زالون) منهنجون نياڻيون آهن (يعني حضرت لوط کين پنهنجي ڌيئرن وانگر ڀائيندو هو ۽ کين سندن مردن ڇڏي ڏنو هو) اهي (زالون) اوهان جي لاءِ جائز ۽ پاڪ آهن. پوءِ (انهن ڏي وڃو ۽ بي شرميءَ جا ڪم ڇڏي ڏيو) الله کان ڊڄو منهنجي مهمانن جي باري ۾ مون کي شرمندو ۽ خوار نہ ڪيو. ڇا اوهان ۾ ڪو هڪڙو بہ چڱو مڙس ڪونهي؟

قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا فِيْ بَنٰتِكَ مِنْ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ﴿۷۹﴾

(۷۹) هنن (خبيث) ماڻهن چيو تہ توکي تہ خبر آهي تہ تنهنجي انهن نياڻين سان اسان جو ڪوبہ واسطو ڪونهي ۽ توکي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ اسان ڇا ڪرڻ چاهيون ٿا.

قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿۸۰﴾

(۸۰) حضرت لوط چيو تہ شال ائين هجي ها جو مون کي اوهان جي مقابلي ڪرڻ جي طاقت هجي ها، يا ڪو مضبوط سهارو (ڪنهن جماعت جي مددگاري) هجي ها جنهن جو آسرو يا پناه يا مدد وٺي سگهان ها!

قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَلَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ۭ اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ اَصَابَهُمْ ۭ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ۭ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿۸۱﴾

(۸۱) (تڏهن) انهن مهمانن (يعني فرشتن) چيو تہ اي لوط! اسان تنهنجي پروردگار جا موڪليل آهيون. (گهٻرائڻ جي ڳالهہ ئي ڪانهي) هي ماڻهو ڪڏهن بہ تو وٽ پهچي نہ سگهندا (جو توکي ايذاءُ ڏين يا توتي غالب پون). تون هيئن ڪر جو جڏهن رات جو هڪ حصو گذري وڃي تڏهن پنهنجي گهر جي ماڻهن کي پاڻ سان وٺي نڪري هليو وڃ ۽ اوهان مان ڪوبہ هيڏي هوڏي نہ ڏسي (يعني ڪنهن بہ ڳالهہ جو فڪر نہ ڪري)، پر تنهنجي گهرواري (تو سان گڏ نہ هلندي. هو پٺتي رهجي پوندي ۽) جيڪو هنن ماڻهن تي (حادثو) اچڻو آهي سو مٿس بہ (يعني تنهنجي زال تي بہ) ايندو. انهن ماڻهن جي لاءِ عذاب جو مقرر وقت صبح آهي ۽ صبح جي اچڻ ۾ ڪا دير ڪانهي.

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ڏ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾

(۸۲) پوءِ جڏهن سان جي (نهرايل) ڳالهہ جو وقت اچي ويو تڏهن (اي پيغمبر!) اسان ان (آباديءَ) جون سڀ بلنديون (يعني بلند عمارتون) هيٺاهينءَ ۾ بدلائي ڇڏيون (يعني ڪيرائي زمين جي برابر هموار ڪري ڇڏيون) ۽ انهن (علائقن) تي باه ۾ پڪل پٿر لاڳيتا وسايا.

مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ۭ وَمَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾

(۸۳) جي پٿر تنهنجي پروردگار جي حضور ۾ (انهيءَ مطلب لاءِ) نشان ڪيا ويا هئا. اها بستي ۽ علائقا هنن ظالمن (يعني مڪي جي شريرن)

ڪان پري ڪونہ آهن (اهي مڪي جا ظالم پنهنجي مسافريءَ وقت اتان لنگهندا رهن ٿا ۽ جيڪڏهن چاهين چاهين تہ ان مان عبرت وٺي سگهن ٿا.)

رڪوع 8

**نافرمانين جي ڪري مدين جي ماڻهن تي اهڙو آواز اچي ڪڙڪيو جو صبح جي وقت اونڌا ٿيا پيا هئا.**

وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ وَ لَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿۸۴﴾

(٨٤) ۽ اسان مدين (قبيلي) ڏانهن سندن ڀاءُ حضرت شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليو. هن چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله جي ٻانهپ ڪريو، ڪائنس سواءِ ڪو بہ اطاعت لائق ڪونهي ۽ ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي نہ ڪريو. مان ڏسي رهيو آهيان تہ توهان خوشحال ۽ آسودا آهيو (يعني خدا توهان کي گهٽوئي رزق ڏنو آهي، پوءِ بي شڪريءَ کان پاڻ کي بچايو) مان ڊڄان ٿو تہ توهان تي اهڙو عذاب جو ڏينهن نہ اچي ڪڙڪي، جو سيني تي ڇانئجي وڃي.

وَ يٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾

(٨٥) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ماپ ۽ تور انصاف سان پوري پوري ڪندا ڪريو ۽ ماڻهن کي سندن شيون (سندن حق کان) گهٽ نہ ڏيو. ملڪ ۾ شرات ۽ فساد نہ پکيڙيندا وتو.

بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ۬ وَ مَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۸۶﴾

(٨٦) جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهہ مڃي تہ پوءِ جيڪي الله جو ڏنل (ڏنڊي ۾) بچي پوي، تنهن ۾ ئي توهان جي ڀلائي آهي ۽ ڏسو (منهنجو ڪم تہ فقط نصيحت ڪرڻ آهي.) مان ڪو توهان تي نگهبان ڪونہ آهيان (جو زور سان اوهان کي پنهنجي راهہ تي هلايان).

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْۤ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿۸۷﴾

(٨٧) ماڻهن چيو تہ اي شعيب! تنهنجون اهي نمازون (جي تون پنهنجي خدا جي لاءِ پڙهين ٿو) توکي هي حڪم ٿيون ڏين ٿيون تہ اسان کي اچي چئين تہ هنن معبودن (ديوتائن) کي ڇڏي ڏيون جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا رهيا آهن؟ يا (اسان کي اچي چئين تہ) توهان کي اهو اختيار ڪونهي تہ توهان پنهنجي مال دولت بابت جيئن وڻيو تيئن ڪيو؟ (اسان کي بيشڪ پنهنجي مال بابت آختيار آهي) بس رڳو تون ئي هڪ نرم دل ۽ ايماندار ماڻهو وڃي رهيو آهين؟

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَ رَزَقَنِيْ مِنْهُ رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَ مَاۤ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَاۤ اَنْهٰىكُمْ عَنْهُ ؕ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ؕ وَ مَا

(٨٨) حضرت شعيب چيو تہ اي منهجي قوم جا ماڻهو! توهان هن ڳالهہ تي غور نہ ڪيو آهي ڇا تہ جيڪڏهن مون کي الله جي طرف کان هڪ روشن دليل مليل هجي ۽ (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) مون کي چڱي روزي ڏيئي رهيو هجي ۽ (تہ پوءِ بہ مان چپ ڪري ويهي رهان ۽ توهان کي حق جي طرف نہ سڏيان) ۽ مان ائين بہ ڪونہ ٿو چاهيان تہ جنهن ڳالهہ

تَوْفِيْقِيْٓ اِلَّا بِاللّٰهِ ۭ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝۸۸

کان توهان کي روکيان ٿو تنهن کان توهان کي ته روکيان پر پاڻ ان جي خلاف عمل ڪيان. (مان جيکي توهان کي چوان ٿو تنهن تي پاڻ به عمل ڪيان ٿو). مان هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو چاهيان ته جيتري قدر منهنجي وس ۾ آهي اوتري قدر حالتن سڌارڻ جي ڪوشش ڪريان، منهنجو ڪم جيڪڏهن سرانجام ٿيڻو آهي ته فقط انهيءَ تي ڀروسو ٿو ڪيان ۽ انهيءَ ئي ڏانهن رجوع ٿو ٿيان.

وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ۭ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ۝۸۹

(٨٩) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! ائين نه ٿئي جو مون سان ضد ۾ اچي (يعني ذاتي دشمنيءَ جي ڪري) اهڙي ڳالهه ڪري ويهو جو توهان تي به اهڙو عذاب اچي ڪڙڪي جهڙو نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم تي اچي نازل ٿيو. ۽ لوط جي قوم (وارو معاملو) ته توهان کان گهڻو پري ناهي (يعني اهو ٻين کان پوءِ ٿيو آهي ۽ اوهان سڀني کي معلوم آهي. تنهن ڪري عبرت وٺو.)

وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ۭ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ۝۹۰

(٩٠) ۽ الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهرو ۽ سندس طرف موٽو. منهنجو پروردگار وڏي رحمت وارو ۽ وڏي محبت وارو آهي (هو اوهان تي رحمت ڪندو ۽ اوهان سان محبت رکندو).

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۡ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ۝۹۱

(٩١) ماڻهن چيو ته اي شعيب! تون جيکي به چئين ٿو تنهن مان گهڻيون ڳالهيون ته اسان جي سمجهه ۾ ئي نه ٿيون اچن، ۽ اسان ڏسون ٿا ته تون اسان ماڻهن ۾ هڪ ڪمزور ماڻهو آهي. جيڪڏهن (توسان) تنهنجي برادريءَ جا ماڻهو شامل نه هجن ها ته اسان ضرور توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها (يعني پٿر هڻي ماريون ها) اسان جي اڳيان تنهنجي ڪابه هلندي پڄندي يا طاقت ڪانهي.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَاۗءَكُمْ ظِهْرِيًّا ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ۝۹۲

(٩٢) حضرت شعيب فرمايو ته، اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان تي الله کان وڌيڪ منهنجي برادريءَ جو دٻاءُ آهي ڇا؟ (يعني الله جو ايترو به خيال نٿا رکو جيترو منهنجي برادريءَ جو) ۽ (الله توهان جي نظر ۾ ڪجهه به ناهي جو) هن (جي حڪم) کي پنهنجي پٺيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو اٿو. (ڇڱو ڀلي ڇڏيو ته) جيکي جيکي توهان ڪيو ٿا سو منهنجي پروردگار جي احاطه (علم) کان ٻاهر ناهي. (يعني الله تعاليٰ اوهان جا عمل ڄاڻي ٿو ۽ ضرور انهن جو حساب وٺندو.)

وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰي مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۭ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ

(٩٣) ۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! توهان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪندا رهو. مان به (پنهنجي جاءِ تي) عمل ۾ سرگرم آهيان، (يعني پنهنجي فرض ادائي ڪندو رهندس) تمام جلد اوهان کي معلوم ٿيندو ته ڪنهن تي ٿو

وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ ۖ وَارْتَقِبُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٣﴾

عذاب اچي جو ان کي خوار خراب ڪري ۽ ڪير سچ پچ ڪوڙو آهي. ترسو، مان بہ توهان سان گڏ ترسان ٿو.

وَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَاَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ پوءِ جڏهن اسان جي (ٺهرايل) ڳالهہ جو وقت اچي ويو (تڏهن ڇا ٿيو جو) اسان شعيب کي ۽ انهن کي جن ساڻس گڏ ايمان آندو هو پنهنجي رحمت سان بچائي ورتو ۽ جيڪي ماڻهو ظالم هئا تن کي هڪ سخت آواز اچي پڪڙ ڪئي. پوءِ جڏهن صبح ٿيو تڏهن (ڏٺو ويو تہ) اهي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ اونڌا ٿيا پيا هئا.

كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۗ اَلَا بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ ﴿٩٥﴾

(٩٥) (اهي اهڙو تہ اوچتو تباهہ ٿي ويا جو) گويا هو ڪڏهن بہ انهن گهرن ۾ رهيائي ڪون هئا. سو ٻڌي ڇڏيو تہ مدين جي قبيلي جي لاءِ بہ اهڙي ئي محرومي ۽ ناڪاميابي رهي جهڙي ثمود جي قوم لاءِ ٿي هئي.

رڪوع 9

**هنن پاڻ تي ظلم ڪيو، خدا تہ عادل ۽ رحيم آهي.**

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٦﴾

(٩٦) ۽ اسان موسيٰ کي پنهنجي نشانين ۽ چٽيءَ سَندَ سان پيغمبر ڪري موڪليو.

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَمَآ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ﴿٩٧﴾

(٩٧) فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن، پر اُهي سردار فرعون جي ڳالهہ تي هليا، ۽ فرعون جي ڳالهہ سچائي ۽ سڌائي جي ڳالهہ نہ هئي.

يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ۖ وَبِئْسَ الْوِرْدُ الْمَوْرُوْدُ ﴿٩٨﴾

(٩٨) قيامت جي ڏينهن هو (يعني فرعون) پنهنجي قوم جي اڳيان هوندو (جهڙيءَ طرح دنيا ۾ بہ گهمراهيءَ ۾ سيني کان اڳ ۾ هو) ۽ هنن کي دوزخ ۾ پهچائيندو، پوءِ ڏسو تہ ڪهڙي نہ بڇڙي پهچڻ جي جاءِ آهي اها جتي هو پهچندا.

وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۗ بِئْسَ الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿٩٩﴾

(٩٩) ۽ هن دنيا ۾ بہ لعنت سندن پٺيان لڳي (جو سندن بدنامي پئي ڳائجي) ۽ قيامت ۾ بہ (جتي آخرت جي عذاب جا حقدار ٿيا) سو ڏسو تہ ڪهڙو نہ بڇڙو بدلو آهي جو سندن حصي ۾ آيو.

ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيْكَ مِنْهَا قَآئِمٌ وَّحَصِيْدٌ ﴿١٠٠﴾

(١٠٠) (اي پيغمبر!) هي (اڳوڻين) آبادين جي خبرن مان ڪن جو بيان آهي جو اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون، انهن مان ڪي تہ هن وقت تائين قائم آهن ۽ ڪي بلڪل اجڙي ويون.

وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَمَآ اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۖ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠١﴾

(١٠١) ۽ اسان مٿن ظلم ڪونہ ڪيو. بلڪ خود هنن ئي پاڻ تي ظلم ڪيو. سو (ڏس تہ) جڏهن تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل ڳالهہ) اچي ويئي تڏهن هنن جا اهي معبود ڪنهن بہ ڪم نہ آيا، جن کي الله کان سواءِ (يعني الله کي ڇڏي) پڪاريندا هئا. انهن ڪجهہ بہ فائدو ڪونہ پهچايو. اٽلندو سندن تباهيءَ جو باعث ٿيا.

وَ كَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ
ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿١٠٢﴾

(١٠٢) ۽ تنهنجي پروردگار جي پڪڙ اهڙي ئي ٿيندي آهي جڏهن هو انساني آبادين کي ظلم ڪندي پڪڙيندو آهي. (يعني جڏهن ماڻهو ظلم ڪندا آهن ۽ الله تعاليٰ سندن ظلمن جي ڪري کين پڪڙ ڪندو آهي) يقيناً سندس پڪڙ ڏاڍي دردناڪ ۽ سخت هوندي آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ
الْاٰخِرَةِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَ
ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿١٠٣﴾

(١٠٣) بيشڪ هن ڳالهہ ۾ انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ وڏي عبرت رکيل آهي، جيڪو آخرت جي عذاب جو خوف رکندڙ هجي. هي (آخرت جو ڏينهن) اهو ڏينهن آهي جڏهن سڀ انسان هڪ هنڌ گڏ ڪيا ويندا ۽ هي اهو ڏينهن آهي جنهن جو نظارو ڪيو ويندو.

وَمَا نُؤَخِّرُهٗٓ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ؕ ﴿١٠٤﴾

(١٠٤) ۽ اسان انهيءَ ڏينهن کي پٺتي نہ رکيو آهي، پر فقط هن لاءِ تہ هڪ مقرر وقت تي ان جو ظهور ٿئي.

يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ
فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّسَعِيْدٌ ﴿١٠٥﴾

(١٠٥) جڏهن اهو ڏينهن اچي ويندو تڏهن ڪنهن کي بہ مجال نہ ٿيندو جو الله جي اجازت کان سواءِ زبان کولي (۽ ڳالهائي) پوءِ (انهيءَ ڏينهن انسانن جا بہ قسم هوندا) ڪي اهڙا هوندا جن جي لاءِ محرومي آهي ۽ ڪي اهڙا جن لاءِ سعادت آهي.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ
وَّشَهِيْقٌ ۙ ﴿١٠٦﴾

(١٠٦) سو جيڪي ماڻهو محروم رهيا سي دوزخ ۾ هوندا ۽ هنن لاءِ اتي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ هوندو.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ
اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾

(١٠٧) هو انهيءَ (روج راڙي جي) حالت ۾ رهندا جيستائين ڪ زمين ۽ آسمان قائم آهن. (۽ ان جي خلاف ڪجهہ نہ هوندو) سواءِ هن صورت جي جو تنهنجو پروردگار (ٻيءَ طرح) چاهي. بيشڪ تنهنجو پروردگار پنهنجن ڪمن ۾ اختيار وارو آهي. جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو.

وَ اَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِي الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ
فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا
شَآءَ رَبُّكَ ؕ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾

(١٠٨) ۽ جن ماڻهن سعادت (ڪامراني) حاصل ڪئي سي بهشت ۾ هوندا ۽ ان ۾ ئي رهندا جيستائين ڪ زمين ۽ آسمان قائم آهن (ان جي خلاف ڪجهہ ٿيڻوئي ناهي) سواءِ ان حالت جي جو تنهنجو پروردگار (ٻيءَ طرح) چاهي. اها (سعيدن سڀاڳن لاءِ) بخشش آهي جا هميشہ لاءِ جاري رهڻ واري آهي.

فَلَا تَكُ فِيْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰٓؤُلَآءِ ؕ مَا
يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُهُمْ مِّنْ
قَبْلُ ؕ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ
مَنْقُوْصٍ ۧ ﴿١٠٩﴾

(١٠٩) پوءِ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو جيڪي (خدا کان سواءِ ٻين هستين جي) بندگي ٿا ڪن تن جي باري ۾ توکي ڪوبہ شڪ نہ هئڻ گهرجي (هو ضرور پنهنجو ڪيتو لوڙيندا) اهي اهڙيءَ ئي طرح بندگي ڪري رهيا آهن، جهڙيءَ طرح ڪانئن اڳي سندن ابا ڏاڏا ڪندا رهيا آهن. ضرور هيئن ٿيڻو آهي تہ اسان هنن (جي عملن جي نتيجن) جو حصو هنن کي پورور پورو ڏيندا سين، بنا ڪنهن گهٽتائيءَ جي.

## رکوع 10

### حضرت موسيٰ تي ڪتاب نازل ڪيو ويو، پر تنهن هوندي بہ ماڻهن اختلاف ڪيا.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۭ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ۝۱۱۰

(١١٠) ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو، پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيا ويا ۽ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار اڳ ۾ ئي هڪڙي ڳالھ ٺهرائي نہ ڇڏي هجي ها (يعني هيءَ ڳالھ تہ دنيا ۾ هر انسان کي خدا جي قانون موجب مهلت ملڻي آهي) تہ ضرور انهن جي وچ ۾ (هڪدم) فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ انهن (منڪرن) کي ان بابت شڪ ۽ گمان آهي جو منجهي پيا آهن.

وَاِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ اَعْمَالَهُمْ ۭ اِنَّهٗ بِمَا يَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝۱۱۱

(١١١) ۽ (يقين ڪر تہ) سيني جي لاءِ هي ئي ٿيڻو آهي تہ جڏهن وقت اچي ويندو تڏهن تنهنجو پروردگار سندن عملن جو بدلو کين پورو ڏيئي ڇڏيندو. جيڪي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن، تنهن جي الله تعاليٰ کي پوري پوري خبر پوي ٿي.

فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ وَمَنْ تَابَ مَعَكَ وَلَا تَطْغَوْا ۭ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝۱۱۲

(١١٢) تنهن ڪري توکي گهرجي تہ جهڙيءَ طرح توکي حڪم ڏنو ويو آهي تهڙيءَ طرح تون ۽ اُهي سڀ جيڪي (خدا ڏي) موٽي توسان شامل ٿيا آهن، (حق جي راھ تي) مضبوط ۽ محڪم ٿي وڃو ۽ حدن کان ٻاهر نہ وڃو، يقين ڪيو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو خدا ڏسي رهيو آهي.

وَلَا تَرْكَنُوْٓا اِلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ ۙ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَاۗءَ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ۝۱۱۳

(١١٣) ۽ هيئن بہ نہ ڪجو جو ظالمن جي طرف جهڪي پئو (۽ هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملن ۾ گهٽتائي ڪيو ۽ سندن دليون وٺڻ جي ڪوشش ڪيو) جنهن ڪري (انهن جي ويجهو هئڻ سبب) توهان کي بہ باھ جي لهس اچي وڃي. الله کان سواءِ اوهان جو ڪوبہ رفيق ڪونهي. پوءِ (جيڪڏهن ان کان جدا ٿيندؤ تہ) ڪوبہ توهان جي مدد ڪونہ ڪندو.

وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ۭ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّـيِّاٰتِ ۭ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ۝۱۱۴

(١١٤) ۽ نماز قائم ڪيو، انهيءَ وقت جڏهن ڏينهن شروع ٿيڻ تي هجي ۽ انهيءَ وقت جڏهن رات جو پهريون حصو گذري ويو هجي. ياد رکو تہ، نيڪيون برائين کي ڪٽي ٿيون وڃن. هيءَ نصيحت آهي انهن لاءِ جيڪي نصيحت وٺندڙ آهن.

وَاصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۱۱۵

(١١٥) ۽ صبر ڪيو (يعني حق جي راھ ۾ سڀ تڪليفون ۽ مصيبتون ثابت قدميءَ سان سهندا رهو) ڇو تہ بيشڪ الله تعاليٰ نيڪ عملن جو اجر ضايع نٿو ڪري.

فَلَوْلَا كَانَ مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْ قَبْلِكُمْ اُولُوْا بَقِيَّةٍ يَّنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ فِي الْاَرْضِ اِلَّا

(١١٦) پوءِ (ڏسو تہ) هيئن ڇو نہ ٿيو جو جيڪي پيڙهيون اوهان کي اڳي ٿي گذريون تن ۾ ڪي نيڪ ماڻهو بہ رهن ها جيڪي ٻين ماڻهن کي گناهن ۽ شرارتن ۽ فساد کان روڪين ها، پر ائين ڪونہ ٿيو سواءِ ڪن

قَلِيْلًا مِّمَّنْ اَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۚ وَاتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَآ اُتْرِفُوْا فِيْهِ وَكَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۶﴾

ٿورين پيڙهين جي جن کي اسان (تباهہ ٿيڻ کان) ڇوٽڪارو ڏنو. ظلم ڪندڙ تہ انهيءَ ئي راهہ تي هلندا رهيا جهن ۾ هنن (پنهنجي نفساني لذتن جي) آسودگي محسوس ڪئي هئي ۽ اُهي سڀ (حق جي حڪمن جا نافرمان) ڏوهاري ۽ گهنگار هئا.

وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّ اَهْلُهَا مُصْلِحُوْنَ ﴿۱۱۷﴾

(١١٧) ۽ (ياد رک تہ) هيئن هرگز ٿي نٿو سگهي جو تنهنجو پروردگار بستين ۽ آبادين کي ناحق تباهہ ڪري ڇڏي، اگرچہ انهن جا رهاڪو پاڻ کي سڌارڻ وارا هجن.

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلَا يَزَالُوْنَ مُخْتَلِفِيْنَ ﴿۱۱۸﴾

(١١٨) ۽ جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها تہ سيني ماڻهن کي هڪ امت بنائي ها (يعني سڀ هڪ ئي راهہ تي گامزن هجن ها. پر توهان ڏسي رهيا آهيو تہ هن ائين نہ چاهيو ۽ هتي جدا جدا ٽوليون ۽ جدا جدا واٽون ٿيون) ۽ ماڻهو ائين ئي جدا جدا راهن تي هلندا رهندا.

اِلَّا مَنْ رَّحِمَ رَبُّكَ ۭ وَلِذٰلِكَ خَلَقَهُمْ ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۱۹﴾

(١١٩) پر جن تي تنهنجي پروردگار رحم ڪيو (سي اختلاف ڪونہ ڪندا، ڇو تہ اُهي حقيقت کي پروڙي ويندا ۽ قبول ڪندا) ۽ ڪين انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ (وري ڏسو تہ فڪر ۽ عمل جي انهيءَ ئي اختلاف جو نتيجو آهي جو) تنهنجي پروردگار جي (ٺهرايل) ڳالهہ پوري ٿيڻي جو ضرور هيئن ٿيندو تہ مان جهنم کي جنن توڙي انسانن سان پري ڇڏيندس.

وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۲۰﴾

(١٢٠) ۽ (اي پيغمبر!) رسولن جي احوالن مان جيڪي جيڪي قصا اسان توکي ٻڌايون ٿا (يعني جن جن نمونن سان ٻڌايون ٿا) تن سيني ۾ هيءَ ئي ڳالهہ (يعني مقصد رکيل) آهي تہ تنهنجي دل کي تسڪين (تسلي) ڏيون (تہ اڳي بہ ماڻهن رسولن جي مخالفت ڪئي تنهن ڪري تون پاڻ کي ارمان ۾ جهوري نہ وجهہ) ۽ (ٻي هيءَ ڳالهہ تہ انهن قصن مان) توکي حق جو اجر ملي ويو. (يعني سچائي جا روشن دليل ملي ويا) ۽ پڻ نصيحت (تہ فقط نصيحت وٺندڙ نصيحت تي هلندا) ۽ پڻ (انهن قصن ۾) مؤمنن جي لاءِ (حق جي) يادگيري ڏياري وئي.

وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ۭ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿۱۲۱﴾

(١٢١) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين (۽ حق جي دعوت جو مقابلو ڪري رهيا آهن) تن کي چئي ڏي تہ توهان پنهنجي جاءِ تي (يعني جيئن وٽيوَ ۽ پڄيوَ تيئن) ڪم ڪندا رهو. اسان بہ (پنهنجي جاءِ تي) عملن ۾ سرگرم آهيون.

وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۲۲﴾

(١٢٢) ۽ (نتيجي لاءِ) منتظر رهو. اسان بہ منتظر آهيون.

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ

(١٢٣) ۽ (ياد رک تہ) الله ئي کي آسمان ۽ زمين جي لڪل ڳالهين جو علم آهي. ۽ سڀ ڪم سندس ئي اڳيان رجوع ٿين ٿا. تنهن ڪري

الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۳﴾

سندس ئي بندگيءَ ۾ لڳو رهه (يعني سڀ فرض ۽ حڪم بجا آڻيندو رهه) ۽ مٿس ڀروسو رک (ته آخر نيڪ ماڻهو ڪامياب ٿيندا ۽ بد ماڻهو نقصانن هيٺ ايندا) تنهنجو پروردگار انهن عملن ڪان غافل ناهي، جيڪي جيڪي ماڻهو ڪري رهيا آهن (هو ماڻهن جا سڀ عمل ڄاڻي ٿو ۽ انهن جو حساب وٺي ٿو ۽ جزا ۽ سزا ڏئي ٿو.

## سورة يوسف ـ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو وڏو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قرآن مجيد روشن ۽ واضح ڪتاب آهي. حضرت يوسف جو خواب ۽ پڻس حضرت يعقوب جو تعبير.**

الٓرٰ ۫ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ۟ ﴿۱﴾

(١) الف- لام- را هي آيتون آهن روشن ۽ واضح ڪتاب جون.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲﴾

(٢) اسان هن قرآن کي عربي زبان ۾ نازل ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته توهان چڱيءَ طرح سمجهو.

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۖ وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۳﴾

(٣) (اي پيغمبر!) هن قرآن کي وحي طور موڪلڻ سان توکي اسان بهترين طريقي سان (گذريل) واقعا ۽ حالتون ٻڌايون ٿا ۽ يقيناً قرآن جي نازل ٿيڻ ڪان اڳي تون انهن ماڻهن منجهان هئين جيڪي (انهن احوالن ڪان) بي خبر هئا.

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰٓاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ﴿۴﴾

(٤) ۽ (ٻڌو ته) جا ٿيو جو حضرت يوسف پنهنجي پيءُ کي اچي چيو ته اي منهنجا بابا! مون (خواب ۾) ڏٺو يارهن تارا آهن ۽ سج ۽ چنڊ به آهن ۽ ڏٺم ته اهي سڀ مون کي سجدو ڪري رهيا آهن.

قَالَ يٰبُنَيَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۵﴾

(٥) (پيءُ) چيو ته اي منهنجا پٽ! پنهنجي هن خواب جو حال ڀائرن کي نه ٻڌائجانءِ. متان هو تنهنجي خلاف ڪنهن منصوبي جون تجويزون ٺاهڻ لڳن. ياد رک ته شيطان انسان جو کليو ۽ چٽو دشمن آهي.

وَكَذٰلِكَ يَجْتَبِيْكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ وَيُتِمُّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اٰلِ يَعْقُوْبَ كَمَآ اَتَمَّهَا عَلٰٓى اَبَوَيْكَ مِنْ قَبْلُ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۶﴾

(٦) ۽ (اي منهنجا پٽ! جهڙيءَ طرح تو ڏٺو آهي ته يارهن تارا ۽ سج ۽ چنڊ تنهنجي اڳيان جهڪيا آهن) تهڙيءَ طرح تنهنجي پروردگار توکي بزرگيءَ (۽ پيغمبريءَ) لاءِ چونڊيو آهي ۽ هيءَ ڳالهه سيکارڻ وارو آهي ته ڳالهين (۽ واقعن) جو نتيجو ۽ مطلب ڪهڙيءَ طرح ٺهرائجي ۽ معلوم ڪجي (يعني الله تعاليٰ) هن ڪان اڳي تنهنجي وڏن ابراهيم ۽ اسحاق تي پنهنجي نعمت پوري ڪري چڪو آهي. تهڙيءَ طرح توتي ۽ يعقوب جي گهراڻي تي به نعمت پوري ڪندو. بيشڪ تنهنجو پروردگار (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

## رڪوع 2

**پائرن حضرت يوسف کي هڪ کوه ۾ اڇلائي ڇڏيو. قافلي وارن ڪيس ڪڍيو، مصر ۾ وڪيائون.**

لَقَدْ كَانَ فِيْ يُوْسُفَ وَ اِخْوَتِهٖٓ اٰيٰتٌ لِّلسَّآئِلِيْنَ ﴿٧﴾

(٧) جيڪي ماڻهو (سچيون حقيقتون) پڇندڙ هجن (۽ سمجهه رکندڙ هجن) تن جي لاءِ حضرت يوسف ۽ سندس ڀائرن جي معاملي ۾ (نصيحت ۽ عبرت جون) وڏيون نشانيون آهن.

اِذْ قَالُوْا لَيُوْسُفُ وَ اَخُوْهُ اَحَبُّ اِلٰٓى اَبِيْنَا مِنَّا وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ ؕ اِنَّ اَبَانَا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنِ ﴿٨﴾

(٨) هيئن ٿيو جو (يوسف جا ويڳا ڀائر پاڻ ۾) چوڻ لڳا ته اسان جي پيءُ کي يوسف ۽ سندس ڀاءُ (بن يامين) اسان سڀني کان گهڻو وڌيڪ پيارا آهن. حالانڪ اسان هڪ پوري جماعت آهيون. (يعني اسان جو تعداد وڏو آهي.) يقيناً اسان جو پيءُ صريح غلطيءَ تي آهي.

اقْتُلُوْا يُوْسُفَ اَوِ اطْرَحُوْهُ اَرْضًا يَّخْلُ لَكُمْ وَجْهُ اَبِيْكُمْ وَ تَكُوْنُوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ قَوْمًا صٰلِحِيْنَ ﴿٩﴾

(٩) پوءِ (چڱي ڳالهه هيءَ آهي ته) يوسف کي ماري ڇڏيون يا ڪنهن جاءِ ۾ (ڪاڏي به) اڇلائي ڇڏيون. ته پوءِ اسان جي پيءُ جو توجهه (ڌيان ۽ پيار) رڳو سان جي طرف رهي ۽ هن (يوسف) جي نڪري وڃڻ بعد اسان جا سڀ ڪم سنوارجي وڃن (يا اسان ان گناهه بعد صالح ٿيون ۽ اڳتي اهڙا ڪم نه ڪيون).

قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ لَا تَقْتُلُوْا يُوْسُفَ وَ اَلْقُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ﴿١٠﴾

(١٠) هنن مان هڪڙي چوندڙ چيو ته، يوسف کي قتل نه ڪيو. جيڪڏهن اوهان کي ڪجهه ڪرڻو آهي ته ڪنهن اونهي کوهه جي تري ۾ ڪيس ڦٽو ڪيو. (واٽ ويندڙ قافلن مان) ڪوئي قافلو (ان وٽان لنگهندو ۽) ڪيس ڪڍي ويندو.

قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ وَ اِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ ﴿١١﴾

(١١) (اها صلاح ڪري سڀ گڏجي پيءُ وٽ ويا ۽) چيائون ته اي اسان جا بابا! ڇو توهان يوسف جي باري ۾ اسان تي اعتبار نٿا ڪيو؟ (۽ ڪاڏي به اسان سان گڏجي هلڻ نٿا ڏيو) حالانڪ اسان ته دل و جان سان سندس خير خواهه آهيون.

اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَ يَلْعَبْ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿١٢﴾

(١٢) سڀاڻي ڪيس اسان سان گڏ (ٻيلي ۾) وڃڻ ڏيو ته ڪائي پيئي مزا ماڻي ۽ راند روند ڪري. اسان سندس حفاظت جو ذمو ٿا کڻون.

قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْٓ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَ اَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَ اَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) (پيءُ) چيو ته هيءَ ڳالهه مون کي غم ۾ ٿي وجهي ته توهان ڪيس پاڻ سان وٺي وڃو ۽ مان ڊڄان ٿو ته متان هيئن ٿئي جو ڪيس بگهڙ ماري کائي ۽ اوهان هن کان غافل رهو.

قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَ نَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّآ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) هنن چيو ته، ڀلا اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو بگهڙ ڪيس کائي وڃي، ۽ اسان جي هڪ وڏي ٽولي موجود هجي. جيڪڏهن ائين ٿئي ته پوءِ اسان ته نڪما ۽ بيڪار ثابت ٿينداسين. (يا نقصان هيٺ ايندا سين).

فَلَمَّا ذَهَبُوا بِهٖ وَاَجْمَعُوْٓا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٥﴾

(١٥) پوءِ جڏهن اهي ماڻهو (پيءُ کان موڪل وٺي) يوسف کي پاڻ سان وٺي ويا ۽ سڀني هن ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته ڪيس کوهه جي تري ۾ وڌو وڃي (۽ ائين ڪري گذريا) تڏهن اسان (يعني الله تعاليٰ) يوسف کي وحي موڪليو ته (نااميد نه ٿيءُ) هڪڙو ڏينهن ضرور اچڻو آهي جڏهن تون سندن هي معاملو کين ٻڌائيندين، ۽ هو نٿا ڄاڻن (ته آخر ڇا ٿيڻو آهي).

وَجَآءُوْٓ اَبَاهُمْ عِشَآءً يَّبْكُوْنَ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ هو پنهنجي پيءُ وٽ شام جو رئندا پٽيندا آيا.

قَالُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّا ذَهَبْنَا نَسْتَبِقُ وَتَرَكْنَا يُوْسُفَ عِنْدَ مَتَاعِنَا فَاَكَلَهُ الذِّئْبُ وَمَآ اَنْتَ بِمُؤْمِنٍ لَّنَا وَلَوْ كُنَّا صٰدِقِيْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) چيائون ته اي اسان جا بابا! اسان هڪ ٻئي سان ڊوڙون پجائڻ ۾ لڳي وياسين، ۽ يوسف کي پنهنجي سامان وٽ ڇڏيوسين، پوءِ هيئن ٿيو جو هڪڙو بگهڙ اچي نڪتو ۽ يوسف کي (ماري) کائي ويو. (اسان ڄاڻون ٿا ته) توهان اسان جي ڳالهه تي يقين نه ڪندؤ اگرچه اسان ڪيترو به سچا هجون.

وَجَآءُوْ عَلٰى قَمِيْصِهٖ بِدَمٍ كَذِبٍ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ يوسف جي قميص تي ڪوڙو رت (ڪنهن ٻڪريءَ جو) لڳائي ڪٺي آيا. پيءُ (اهو ڏسي) چيو ته نه (مان اها ڳالهه مڃي نٿو سگهان) هيءَ ته هڪڙي (هٿراڌو ٺاهيل) ڳالهه آهي، جا اوهان جي نفس اوهان کي سهڻي ڪري سيکاري آهي. (۽ توهان سمجهو ٿا ته ڪارگر چالاڪي ڪري چڪا آهيو) خير مونکي ته هاڻي صبر ئي ڪرڻو آهي. اهڙو صبر جو وٽندڙ هجي ۽ توهان جيڪو ڪجهه بيان ڪيو ٿا تنهن بابت الله کان ئي مدد گهرڻي آهي.

وَجَآءَتْ سَيَّارَةٌ فَاَرْسَلُوْا وَارِدَهُمْ فَاَدْلٰى دَلْوَهٗ قَالَ يٰبُشْرٰى هٰذَا غُلٰمٌ وَاَسَرُّوْهُ بِضَاعَةً وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) پوءِ ڇا ٿيو جو هڪڙو قافلو (ان کوهه وٽان) لنگهيو ۽ قافلي وارن پاڻيءَ جي لاءِ پنهنجو پخالي موڪليو. پوءِ جيئن ئي هن پنهنجو ڏول لٽڪايو (۽ پاڻيءَ سان ڀريل سمجهي مٿي ڇڪيائين) تئين ئي (ڇا ڏسي ته هڪڙو جوان ڇوڪر ان ڏول ۾ ويٺو آهي ۽ هن) پڪاري چيو ته ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي! هي ته هڪ جوان ڇوڪر آهي! ۽ قافلي وارن هن کي واپار جو سرمايو سمجهي لڪائي ڇڏيو (ته متان ڪو ان جي دعويٰ ڪري ڪسي نه وٺي) ۽ هو جيڪي ڪري رهيا هئا سو الله جي علم کان لڪل ڪو نه هو.

وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۢ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ (پوءِ) هنن يوسف کي تمام ٿورڙن پئسن تي، جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا درهم هئا. (مصر جي بازار ۾) وڪڻي ڇڏيو، ۽ هو هن معاملي ۾ (وڌي قيمت وٺڻ لاءِ ايترو) خواهشمند به نه هئا. (ڇو ته ڪين مفت ۾ ملي ويو هو).

رڪوع 3

الله تعاليٰ حضرت يوسف کي ڪمن ڪارين ڪرڻ جي اعليٰ قابليت ۽ علم عطا ڪيو.

وَقَالَ الَّذِى اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ

(٢١) ۽ مصر جي ماڻهن مان جنهن شخص يوسف کي (فلي وارن کان) خريد

أَكْرِمِىْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ
وَلَدًا ۭ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِى الْاَرْضِ ۡ وَ
لِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۭ وَاللّٰهُ
غَالِبٌ عَلٰٓى اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا
يَعْلَمُوْنَ ۝٢١

ڪيو هو سو (هن کي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽) پنهنجي زال کي چيائي ته هن کي عزت سان رهائجانءِ. عجب ناهي ته هو اسان کي فائدو پهچائي، يا اسان کيس پنهنجي (گود جو يا دين جو) پٽ ڪري رکون ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان مصر جي سر زمين ۾ يوسف جو قدر ڄمايو. ۽ مقصد هو ته ڪيس ڳالهين ۽ واقعن جا نتيجا ۽ مطلب ڪڍي سمجهائي ۽ سيڪاري ڇڏيون ۽ الله کي جيڪو ڪم ڪرڻو هوندو آهي سو ڪري ئي رهندو آهي. (ڇو ته هو قدر ۽ غالب آهي) پر گهڻا ماڻهو (اهي حقيقتون) نٿا ڄاڻن.

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗٓ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ۭ وَ
كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ۝٢٢

(٢٢) ۽ پوءِ جڏهن يوسف ڦوهه جوانيءَ کي پهتو تڏهن اسان ڪيس ڪمن ڪرڻ جي قابليت ۽ قوت ۾ گهڻو علم عطا ڪيو. اسان نيڪ عمل ڪندڙن کي (سندن نيڪ عمليءَ جو) اهڙوئي بدلو عطا ڪندا آهيون.

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِىْ هُوَ فِىْ بَيْتِهَا عَنْ نَّفْسِهٖ وَ
غَلَّقَتِ الْاَبْوَابَ وَقَالَتْ هَيْتَ لَكَ ۭ قَالَ
مَعَاذَ اللّٰهِ اِنَّهٗ رَبِّىْٓ اَحْسَنَ مَثْوَاىَ ۭ اِنَّهٗ لَا
يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٣

(٢٣) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) جنهن عورت جي گهر ۾ يوسف رهندو هو (يعني عزيز جي زال) سا مٿس (عاشق ٿي پيئي ۽) حيلا هلائڻ لڳي ته هو به (موهجي) بي اختيار ٿي ڳالهه مڃي وڃي، هن عورت (هڪڙي ڏينهن) دروازا ڪٽي بند ڪيا، ۽ چئي ڏنائين ته مون ڏي هليو آءُ. يوسف چيو ته معاذالله (خدا پناهه ڏئي)، مون کان اهڙو ڪم ڪڏهن به نه پڄندو) تنهنجو مڙس منهنجو سائين آهي. هن مون کي عزت سان (گهر ۾) جاءِ ڏني آهي (مان سندس امانت ۾ خيانت ڪونه ڪندس). ۽ حدن کان ٻاهر لنگهڻ وارا ظالم ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه ٿا سگهن.

وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوْلَآ اَنْ رَّاٰ
بُرْهَانَ رَبِّهٖ ۭ كَذٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوْۗءَ
وَالْفَحْشَاۗءَ ۭ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِيْنَ ۝٢٤

(٢٤) ۽ حقيقت هيءَ آهي ته اها عورت يوسف جي پٺيان پئجي چڪي هئي، ۽ (حالت اهڙي بڻجي چڪي هئي جو بي اختيار ٿي) يوسف به هن ڏانهن لاڙو ڪري ها، جيڪڏهن سندس پروردگار جو دليل سندس سامهون نه اچي وڃي ها. (سو ڏسو) اهڙيءَ طرح (اسان انساني نفس جي هن سخت آزمائش ۾ به هن کي حق جي دليل جي وسيلي هوشيار رکيو) انهيءَ لاءِ ته برائي ۽ بي شرميءَ جون ڳالهيون کانئس دور رکون. بيشڪ هو اسان جي انهن ٻانهن مان هو، جيڪي بزرگيءَ لاءِ چونڊيا ويا.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيْصَهٗ مِنْ دُبُرٍ وَّ
اَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَا الْبَابِ ۭ قَالَتْ مَا جَزَاۗءُ مَنْ
اَرَادَ بِاَهْلِكَ سُوْۗءًا اِلَّآ اَنْ يُّسْجَنَ اَوْ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٢٥

(٢٥) ۽ (ڇا ٿيو جو) ٻئي دروازي جي طرف ڊوڙيا. (اهڙيءَ طرح ڊوڙيا جو انهن مان هرهڪ ٻئي کان اڳتي ٿيڻ ٿي چاهيو. يوسف هن لاءِ ته ان عورت کان پڇي جند ڇڏائي، ۽ پوءِ عورت هن لاءِ ته ڪيس پڇي نڪرڻ کا روڪي وڃي) ۽ ان عورت يوسف جي قميص کي پٺئين پاسي کان ڇڪيو ۽ ڦاڙي وڌائين ۽ (پوءِ اوچتو) ٻنهي ڏٺو ته ان عورت جو مڙس دروازي وٽ بيٺو آهي. تڏهن عورت (پنهنجي گناهه لڪائڻ لاءِ هڪدم ٺاهه ٺاهي ورتو ۽) چيائين ته جيڪو ماڻهو تنهنجو گهر واريءَ سان بڇڙي

كم جو ارادو كري تنهن جي سزا كهڙي هئڻ گهرجي؟ ڇا هيءَ سزا نہ هئڻ گهرجي تہ كيس قيد ۾ وڌو وڃي يا (كا ٻي) دردناڪ سزا ڏني وڃي؟

قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَهُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) (تنهن تي) يوسف چيو تہ، خود هن مون تي حيلا هلايا (۽ مونكي مجبور كري ڦاسائڻ جي كوشش كئي، پر مان اهڙو كم نہ كيو) ۽ پوءِ (ڇا ٿيو جو) انهيءَ عورت جي كٽنب وارن مان هكڙي شاهد شاهدي ڏني، (هن چيو) تہ يوسف جي قميص (ڏسڻ گهرجي) جيكڏهن اڳيان ڦاٽل آهي تہ عورت سچي ۽ يوسف كوڙو آهي.

وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) جيكڏهن قميص پٺئين پاسي كان ڦاٽل آهي تہ عورت كوڙ ڳالهايو آهي ۽ يوسف سچو آهي.

فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ۭ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾

(٢٨) پوءِ جڏهن ان عورت جي مڙس ڏٺو تہ يوسف جي قميص پٺئين پاسي كان ڦاٽل آهي، تڏهن (حقيقت سمجهيائين ۽) عورت كي چيائين تہ كجهہ بہ شڪ ناهي تہ هيءَ توهان عورتن جي مكرن مان هڪ مكر آهي، ۽ توهان عورتن جا مكر وڏا مكر آهن.

يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ٜ وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ښ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (وري عزيز چيو تہ) اي يوسف هن (معاملي) كي درگذر كري ڇڏ (يعني جيكي ٿيو تنهن كي وساري ڇڏ) ۽ (زال كي چيائين تہ) پنهنجي گناهہ جي معافي گهر، بيشڪ تون ئي خطا وار آهي.

ركوع 3

**حضرت يوسف قيد جي ڌمكيءَ تي چيو تہ مون كي گنهگاري كرڻ كان قيد وڌيڪ پسند آهي.**

وَقَالَ نِسْوَةٌ فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ۭ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ (پوءِ جڏهن هي قصو مشهور ٿيو تڏهن) شهر جون كي عورتون چوڻ لڳيون تہ ڏسو تہ سهي عزيز جي زال پنهنجي غلام تي (عاشق ٿي) حيلا هلائڻ لڳي تہ من هن كي ريجهائي ٺاهي وجهي. هوءَ سندس محبت ۾ موهجي ويئي آهي. اسان جي خيال ۾ تہ هوءَ ظاهرظهور بدچاليءَ ۾ پئجي ويئي آهي.

فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا وَّقَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗٓ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ۭ اِنْ هٰذَآ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾

(٣١) جڏهن عزيز جي زال (سندن) مكاريءَ جون هي ڳالهيون ٻڌيون تڏهن هنن كي گهرايائين ۽ هنن جي لاءِ مسندون (يعني، طول وهاڻا) ترتيب سان تيار ركايائين (۽ طعام اڳيان ركايائين) ۽ (دستور موجب) هرهڪ كي هڪ هڪ ڇري ڏنائين (تہ كائڻ ۾ كم آڻين)، پوءِ (جڏهن هي سڀ كجهہ ٿي چكو تڏهن) يوسف كي چيائين تہ هنن زالن جي سامهون نكري اچ. جڏهن (يوسف آيو ۽) انهن عورتن كيس ڏٺو تڏهن (كيس اهڙو ڏٺائون جو) سندس بهتريءَ جو اعتراف كيائون، (يعني

قبول ڪيائون ته بيشڪ هو اعليٰ شان وارو آهي) هنن (حيرانيءَ ۾ ڇرين سان) پنهنجا هٿ ڪپي وڌا ۽ (بي اختيار) چئي ڏنائون ته سبحان الله! هيءُ انسان ته نه آهي. ضرور ڪو فرشتو آهي ۽ وڏي مرتبي وارو فرشتو آهي.

قَالَتۡ فَذٰلِكُنَّ الَّذِىۡ لُمۡتُنَّنِىۡ فِيۡهِ ؕ وَلَقَدۡ رَاوَدْتُّهٗ عَنۡ نَّفۡسِهٖ فَاسۡتَعۡصَمَ ؕ وَلَئِنۡ لَّمۡ يَفۡعَلۡ مَاۤ اٰمُرُهٗ لَيُسۡجَنَنَّ وَلَيَكُوۡنًا مِّنَ الصّٰغِرِيۡنَ ﴿۳۲﴾

(٣٢) تڏهن (عزيز جي زال) چيو ته، هاڻي ته ڏٺو؟ اهو اِتو اهو ماڻهو جنهن جي باري ۾ توهان مون کي طعنا ڏنا هئا. هائو! بيشڪ مون سندس دل کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ چاهيو هو، پر هو بي قابو نه ٿيو (يعني پنهنجي دل تي ضابطو نه وڃايائين) ۽ (هاڻي ڪيس ٻڌائي ٿي ڇڏيان ته) جيڪڏهن منهنجو چوڻ نه مڃيندو (۽پنهنجي ضد تي اڙيو رهندو) ته ضرور قيد خاني ۾ وڌو ويندو ۽ بي عزتيءَ ۾ پوندو.

قَالَ رَبِّ السِّجۡنُ اَحَبُّ اِلَىَّ مِمَّا يَدۡعُوۡنَنِىۡۤ اِلَيۡهِ ۚ وَاِلَّا تَصۡرِفۡ عَنِّىۡ كَيۡدَهُنَّ اَصۡبُ اِلَيۡهِنَّ وَاَكُنۡ مِّنَ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۳۳﴾

(٣٣) (يوسف اها ڏمڪي ٻڌي الله کان دعا گهري) چيائين ته اي منهنجا رب! مون کي قيد ۾ رهڻ هن ڳالهه کان گهڻو وڌيڪ پسند آهي جهن ڳالهه ڏانهن هي عورتون مون کي سڏي رهيون آهن. جيڪڏهن تون (منهنجي مدد نه ڪندين ۽) هنن جي مڪارين جي ڄار کان نه بچائيندين ته عجب ناهي ته مان هنن ڏانهن جهڪي پوان ۽ انهن ماڻهن منجهان ٿي پوان جيڪي جاهل ۽ ناشناس آهن.

فَاسۡتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنۡهُ كَيۡدَهُنَّ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۳۴﴾

(٣٤) سو (ڏسو) سندس پروردگار سندس دعا قبول ڪئي ۽ ڪانئس انهن عورتن جون مڪاريون دفع ڪري ڇڏيائين، بيشڪ اهوئي آهي (دعائن جو) ٻڌندڙ ۽ (سڀ ڪجهه) ڄاڻندڙ.

ثُمَّ بَدَا لَهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا رَاَوُا الۡاٰيٰتِ لَيَسۡجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيۡنٍ ﴿۳۵﴾

(٣٥) پوءِ (ڇا ٿيو جو) اگرچه اهي ماڻهو (يعني عزيز ۽ سندس خاندان جا ماڻهو) نشانيون ڏسي چڪا هئا (ته بيشڪ يوسف پاڪ دامن ۽ بلند اخلاق انسان آهي) تڏهن به کين هيءَ ڳالهه مناسب نظر آئي ته هڪ خاص مدت لاءِ يوسف کي قيد خاني ۾ وڌو وڃي.

## رڪوع 5

## قيد خاني ۾ دين ۽ حق جي وات جي تبليغ

وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجۡنَ فَتَيٰنِ ؕ قَالَ اَحَدُهُمَاۤ اِنِّىۡۤ اَرٰٮنِىۡۤ اَعۡصِرُ خَمۡرًا ۚ وَقَالَ الۡاٰخَرُ اِنِّىۡۤ اَرٰٮنِىۡۤ اَحۡمِلُ فَوۡقَ رَاۡسِىۡ خُبۡزًا تَاۡكُلُ الطَّيۡرُ مِنۡهُ ؕ نَبِّئۡنَا بِتَاۡوِيۡلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰٮكَ مِنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ (پوءِ ڇا ٿو جو) يوسف سان گڏ ٻه جوان مرد ٻيا به قيد خاني ۾ داخل ٿيا. انهن مان هڪ (يوسف کي) چيو ته، مون کي (خواب ۾) ڏسڻ ۾ آيو آهي ته مان شراب (تاهڻ) جي لاءِ (انگورن جو) عرق ڪڍي رهيو آهيان. ٻئي چيو ته، مون کي ڏسڻ ۾ آيو آهي ته مٿي تي ماني کنئي اٿم ۽ پکي ان کي کائي رهيا آهن (۽ ٻنهي عرض ڪيو ته) اسان کي ٻڌاءِ ته، هن ڳالهه جو نتيجو ڪهڙو نڪرڻو آهي. اسان ڏسون ٿا ته تون بيشڪ وڏو نيڪ ماڻهو آهي.

قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖۤ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا
بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ؕ ذٰلِكُمَا مِمَّا
عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ؕ اِنِّيْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا
يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ
كٰفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) حضرت يوسف جواب ۾ چيو تہ (گهبرايو نہ) توهان جو مقرر طعام توهان وٽ اچي تنهن کان اڳ ئي مان توهان جي خوابن جو تعبير توهان کي ٻڌائي ڏيندس. هن ڳالھ جو علم (يعني خوابن جو تعبري ڪرڻ) بہ انهن ڳالهين منجهان آهي جي مون کي منهنجي پروردگار سيکاريون آهن. مان انهن ماڻهن جي ملت (يا مذهب) ڇڏي ڪيو آهي جيڪي الله تي ايمان نہ ٿا رکن ۽ آخرت جا بہ منڪر آهن.

وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَ
يَعْقُوْبَ ؕ مَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ
شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَى
النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) مون پنهنجي ابن ڏاڏن يعني ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جي ملت جي پيروي ڪئي آهي. اسان (ابراهيم جا اولاد) ائين نٿا ڪري سگهون جو الله سان ڪنهن بہ شيء کي شريڪ ٺهرايون. اها (ملت يا مذهب) الله جو هڪ فضل آهي جو هن اسان تي ۽ ماڻهن تي ڪيو آهي. پر گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (هن نعمت جو) شڪر بجا نٿا آڻين.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ
اَمِ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿۳۹﴾ ؕ

(٣٩) اي منهنجا جيل جا ساٿيو! (توهان ڪڏهن هن ڳالھ تي غور بہ ڪيو آهي تہ) جدا جدا معبودن جي هئڻ بهتر آهي يا هڪ الله جو، جيڪو يگانو ۽ سيني تي غالب آهي.

مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّاۤ اَسْمَآءً
سَمَّيْتُمُوْهَاۤ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ
بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ
اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَ
لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۴۰﴾

(٤٠) توهان ان (خدا) کان سواءِ جن هستين جي بندگي ٿا ڪيو تن جي حقيقت هن کان وڌيڪ ڇا آهي تہ فقط ڪي نالا آهن جي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن ڪٽي رکيا آهن. الله تعاليٰ انهن جي لاءِ ڪابہ سند نازل نہ ڪئي آهي. حڪومت تہ الله ئي جي لاءِ آهي. سندس فرمان هي آهي تہ، سندس ئي بندگي ڪيو، ٻئي ڪنهن جي بہ بندگي نہ ڪيو. اهوئي سنئون سڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اها ڳالھ بہ) نٿا ڄاڻن.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّاۤ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ
خَمْرًا ۚ وَاَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ
مِنْ رَّاْسِهٖ ؕ قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ
تَسْتَفْتِيٰنِ ﴿۴۱﴾ ؕ

(٤١) اي منهنجا جيل جا ساٿيو! (هاڻي پنهنجي پنهنجي خواب جو مطلب ٻڌي ڇڏيو) توهان مان هڪڙو (اهو آهي جنهن خواب ۾ ڏٺو تہ انگور نچوڙي رهيو آهي) اهو (قيد مان ڇٽندو ۽ اڳوڻي دستور موجب) پنهنجي ساٿين کي شراب پياريندو ۽ ٻيو ماڻهو (اُهو آهي جنهن ڏٺو تہ سندس مٿي تي ڪنيل ماني پکي کائي رهيا آهن) اهو سوريءَ تي چاڙهيو ويندو ۽ پکي هن جو مٿو (پٽي پٽي) کائيندا. سو جنهن ڳالھ بابت اوهان پڇو ٿا سا فيصل ٿي ويئي ۽ فيصلو اهوئي آهي.

وَقَالَ لِلَّذِيْ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنْهُمَا اذْكُرْنِيْ
عِنْدَ رَبِّكَ ۫ فَاَنْسٰىهُ الشَّيْطٰنُ ذِكْرَ رَبِّهٖ
فَلَبِثَ فِي السِّجْنِ بِضْعَ سِنِيْنَ ﴿۴۲﴾ ؑ

(٤٢) ۽ حضرت يوسف جنهن ماڻهوءَ جي باري ۾ سمجهيو تہ ڇٽي ويندو، تنهن کي چيو تہ جڏهن پنهنجي سائينءَ وٽ وڃين تڏهن مون کي ياد ڪجانءِ. (يعني منهنجو حال ڪيس ضرور ٻڌائجانءِ، پوءِ ٻڌايل تعبير مطابق جڏهن اهو ڇٽي ويو تڏهن) شيطان هن کان اها ڳالھ وسارائي ڇڏي تہ پنهنجي سائينءَ جي حضور ۾ پهچي يوسف کي ياد ڪري. پوءِ يوسف ڪي سال قيد خاني ۾ رهيو.

## رڪوع 6

## بادشاه جي خواب جي حضرت يوسف تعبير ڪئي

وَقَالَ الْمَلِكُ اِنِّیْۤ اَرٰی سَبْعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعَ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ؕ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَاُ اَفْتُوْنِیْ فِیْ رُءْيَایَ اِنْ كُنْتُمْ لِلرُّءْيَا تَعْبُرُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو هڪڙي ڏينهن) بادشاهه (پنهنجي سيني درٻارين کي سڏائي) چيو تہ مان (خواب ۾) ڇا ٿو ڏسان تہ ست ٿلهيون متاريون ڳئون آهن جن کي ست ڏٻريون هيٺيون ڳئون ڳهي ڳڙڪائي ويون آهن ۽ ست تازا ساوا سنگ آهن ۽ ست سڪل آهن. اي درٻار جا اميرؤ! جيڪڏهن توهان خوابن جو تعبير ڪندا آهيو تہ ٻڌايو تہ منهنجي خواب جو مطلب ڇا آهي؟

قَالُوْۤا اَضْغَاثُ اَحْلَامٍ ۚ وَمَا نَحْنُ بِتَاْوِيْلِ الْاَحْلَامِ بِعٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) درٻارين (غور و فڪر ڪرڻ بعد) چيو تہ اهي تہ پريشان (منجهيل) خواب ۽ خيال آهن. (اهڙي ڳالهہ آهي ئي ڪانہ جنهن جو ڪو خاص مطلب هجي. اسان سچن خوابن جو مطلب تہ ڪڏي سگهندا آهيون پر) پريشان خوابن جو مطلب اسان کي معلوم ڪونهي.

وَقَالَ الَّذِیْ نَجَا مِنْهُمَا وَادَّكَرَ بَعْدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمْ بِتَاْوِيْلِهٖ فَاَرْسِلُوْنِ ﴿٤٥﴾

(٤٥) ۽ جيڪو ماڻهو انهن ٻن قيدين مان ڇٽي ويو هو ۽ جنهن کي هڪ مدت بعد (هاڻي يوسف جي) ڳالهہ ياد آئي تنهن (بادشاه جو خواب ٻڌي) چئي ڏنو تہ مان اوهان کي هن خواب جو مطلب ٻڌائيندس. توهان مون کي (هڪڙيءَ جاءِ ڏي) وڃڻ ڏيو.

يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِیْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّیْۤ اَرْجِعُ اِلَی النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اُهو ساقي قيد خاني ۾ ويو ۽ چيائين تہ) اي يوسف! اي سچا صديق! اسان کي هن (خواب) جو تعبير ٻڌاءِ. ستن ٿلهين متارين ڳئن کي ست ڏٻريون ڳئون ڳڙڪائي رهيون آهن ۽ ست سنگ ساوا آهن ۽ ست سڪل آهن. هن لاءِ (تہ انهن) ماڻهن ڏي موٽي وڃي سگهان (جن مون کي موڪليو آهي ۽ ڪين تعبير بہ ٻڌايان) عجب ناهي تہ هو (تنهنجو علم بزرگي ۽ مرتبو) معلوم ڪري وٺن.

قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِیْ سُنْۢبُلِهٖۤ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) يوسف چيو تہ (هن خواب جي تعبير ۽ جيڪي ان بابت ڪرڻ گهرجي سو هي آهي تہ) ست سال لاڳيتا (پاڻي گهڻو هوندو ۽) توهان کيتي ڪندا رهندؤ. (انهن سالن ۾ پيداوار گهڻي ٿيندي) پوءِ جڏهن فصل لهڻ جو وقت اچي تڏهن جيڪي اٿؤ تنهن کي سنگن ۾ ئي رهڻ ڏيو (انهيءَ لاءِ تہ اُن سڙي خراب نہ ٿئي) ۽ فقط ايترو ٿورو مقدار ( ان جو) سنگن کان جدا ڪري وٺو جيترو کائڻ لاءِ (ضروري) هجي.

ثُمَّ يَاْتِیْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) پوءِ انهن (ستن سالن) بعد ٻيا ست (سال) تمام سخت مصيبت جا سال ايندا، جن ۾ (اڳين ستن سالن جو اناج وغيره) کاڄي ويندو جو توهان اڳ ئي گڏ ڪري رکيو هوندو. پر ٿورڙو جو توهان روڪي رکيو هوندو سو وڃي بچندو.

ثُمَّ يَاۡتِىۡ مِنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيۡهِ يُغَاثُ
النَّاسُ وَفِيۡهِ يَعۡصِرُوۡنَ ۴۹ ع

(٤٩) ان کان پوءِ وري اهڙو سال ايندو جنهن ۾ ماڻهن لاءِ خوب مينهن وسندو ۽ ماڻهو ان سال ۾ (ميون ۽ اناج مان) عرق ۽ تيل جام ڪيندا.

### رڪوع 7

**حضرت يوسف جي صفائي سامهون اچڻ تي بادشاه ڪيس حڪومت جو مختيار ڪيو.**

وَقَالَ الۡمَلِكُ ائۡتُوۡنِىۡ بِهٖ‌ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوۡلُ
قَالَ ارۡجِعۡ اِلٰى رَبِّكَ فَسۡـَٔلۡهُ مَا بَالُ النِّسۡوَةِ
الّٰتِىۡ قَطَّعۡنَ اَيۡدِيَهُنَّ‌ ؕ اِنَّ رَبِّىۡ بِكَيۡدِهِنَّ
عَلِيۡمٌ ۵۰

(٥٠) (جڏهن انهيءَ ساقيءَ اها ڳالهه بادشاهه کي ٻڌائي تڏهن) بادشاهه چيو ته، يوسف کي (بنا دير) مون وٽ وٺي اچو. پر جڏهن (بادشاهه جو) پيغام پهچائيندڙ يوسف وٽ پهتو تڏهن هن چيو ته، (مان ائين نه هلندس) توهان پنهنجي بادشاهه ڏي موٽي وڃو ۽ (منهنجي طرفان) دريافت ڪيو ته انهن عورتن جو معاملو ڪهڙو هو، جن پنهنجا هٿ ڪپي وڌا هئا. (مان چاهيان ٿو ته پهريائين ان ڳالهه جو فيصلو ٿئي) جيڪي مڪاريون انهن ڪيون هيون، منهنجو پروردگار انهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

قَالَ مَا خَطۡبُكُنَّ اِذۡ رَاوَدْتُّنَّ يُوۡسُفَ عَنۡ
نَّفۡسِهٖ‌ ؕ قُلۡنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا عَلِمۡنَا عَلَيۡهِ مِنۡ
سُوۡٓءٍ‌ ؕ قَالَتِ امۡرَاَتُ الۡعَزِيۡزِ الۡـٰٔنَ
حَصۡحَصَ الۡحَـقُّ اَنَا رَاوَدْتُّهٗ عَنۡ نَّفۡسِهٖ وَ
اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ۵۱

(٥١) (تنهن تي) بادشاهه (انهن عورتن کي گهرايو ۽) چيو ته صاف صاف ٻڌايو ته توهان کي ڪهڙو معاملو پيش آيو هو، جڏهن اوهان يوسف تي حيلا هلايا ته ڪيس پنهنجي طرف مائل ڪري وجهو. انهن ورندي ڏني ته ماشا الله! اسان هن ۾ برائيءَ جي ڪابه ڳالهه ڪانه ڏٺي. (اهو ٻڌي) يزيز جي زال به (بي اختيار) چئي ڏنو ته جيڪا سچي حقيقت هئي سا هاڻي ظاهر ٿي پيئي. بيشڪ مان ئي هيس جنهن يوسف تي حيلا هلايا ته من سندس دل (مون ڏي) مائل ٿئي. بيشڪ هو (پنهنجي بيان ۾) بلڪل سچو آهي.

ذٰلِكَ لِيَـعۡلَمَ اَنِّىۡ لَمۡ اَخُنۡهُ بِالۡغَيۡبِ وَاَنَّ اللّٰهَ
لَا يَهۡدِىۡ كَيۡدَ الۡخَـآٮِٕنِيۡنَ ۵۲

(٥٢) (يوسف چيو ته) مون اها ڳالهه هن ڪري چئي ته ڪيس معلوم ٿي وڃي (يعني عزيز کي معلوم ٿي وڃي) ته مان هن جي پرپٺ سندس معاملي ۾ خيانت ڪانه ڪئي، ۽ پڻ هن ڪري چئي ته (ظاهر ٿي پوي ته) الله تعالىٰ خيانت ڪندڙن جي تدبيرن لاءِ ڪڏهن به (ڪاميابيءَ جي) راهه نه ٿو کولي.